ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 31 ڊسمبر 2025ع 10 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (138)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ڪابينا جو اجلاس، زميني رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ سالياني ترقياتي پروگرام سميت اهم فيصلن جي منظوري

وڏي وزير جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ۾ موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس جو لاڳو ڪرڻ ڊينش اسڪولن لاءِ زمين جي الاٽمينٽ بلدياتي اسڪولن بابت دي سٽيزنز فائونڊيشن سان معاهدن بابت غور ويچار

اجلاس ۾ صوبي ۾ زمينن جي رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ اي-ٽرانسفر آف لينڊ ٽائيٽل سسٽم متعارف ڪرائڻ بابت سنڌ لينڊ ريونيو (ترميمي) بل ۾ ترميمن جي منظوري ڏني وئي

عوامي سهولت لاءِ صوبي ۾ انشورنس فيسيليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ، هڪجهڙا پريميم ريٽ ۽ 24 ڪلاڪ هيلپ لائين قائم ڪرڻ سميت انشورنس سروئيرز جي مدد مهيا ڪرڻ جي هدايت

موٽر سائيڪلن کي لازمي ٿرڊ پارٽي انشورنس کان آجو قرار ڏيڻ لاءِ موٽر وهيڪلز ايڪٽ 1939 جي شق 19 ۽ 20 ۾ ترميمون تجويز ڪيون ويون . بل سنڌ اسيمبلي کان منظور ڪرايو ويندو

ڪابينا ۾ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بلدياتي اسڪولن جي انتظام لاءِ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشنز ۽ دي سٽيزنز فائونڊيشن وچ ۾ ڪنسيشن ۽ لائسنس معاهدن جي منظوري ڏني وئي

صوبي ۾ موسمياتي مزاحمتي ترقي، ٻوڏ متاثر انفراسٽرڪچر جي بحالي ۽ مڪمل ٿيڻ ۽ غيرملڪي معاون منصوبن لاءِ ڪائونٽرپارٽ فنڊ مختص ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم فيصلن جي منظوري ڏني وئي جن ۾ سنڌ لينڊ ريونيو بل تحت زمينن جي رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ اي-
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

ايران عسڪري صلاحيت ٻيهر وڌائي ته سخت حملو ڪنداسين: آمريڪا

اطلاع آهن ته ايران ٻيهر پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا چيو آهي ته
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

عظيم حسين صديقي آءِ سي ايم اي جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿي صدر ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

آئين هر شهريءَ کي بنا فرق جي مذهب ۽ سماجي حيثيت سان برابر انصاف جي ضمانت ڏئي ٿو: چيف جسٽس آف پاڪستان

عدليا ان واعدي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن تائين پاڻ وڃي انصاف جي نظام جو جائزو وٺي رهي آهي. انصاف صرف عدالتي فيصلن تائين محدود ناهي

انصاف باعزت ماحول، بنيادي سهولتون ۽ عوام دوست عدالتي نظام ۽ اثرائتي انصاف جو لازمي جز آهي. انصاف جي نظام ۾ وقار لاءِ عوامي سهولتن جي دستيابي اڻٽر آهي

چيف جسٽس تاريخي ڪاسبو مندر ۽ چڙيو جبل درگاهه ماتا مندر جو به دورو ڪيو، مذهبي آزاديءَ جي تحفظ، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ بين المذاهب هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ جو ورجاءُ

چيف جسٽس جي صدارت ۾ ميرپورخاص هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن، بار ايسوسيئيشن ملي، عمر ڪوٽ ۽ ننگرپارڪر جي وڪيلن سان انٽرايڪشن اجلاس ۽ ٿيون اثرائتي انصاف جي فراهمي جو جائزو

لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي ترقياتي فريم ورڪ تحت باضابطا طور تي دستاويزي شڪل ڏني وڃي ته جيئن وقت سر ساڙين وارا قدم، کڻي سگهجن: چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته پاڪستان جو آئين هر شهريءَ کي بنا فرق مذهب، علائقي ۽ سماجي حيثيت جي برابر انصاف جي ضمانت ڏئي ٿو عدليه ان واعدي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن تائين پاڻ وڃي انصاف جي نظام جو جائزو وٺي رهي آهي انصاف صرف عدالتي فيصلن تائين محدود ناهي ۾
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ملي: چيف جسٽس آف پاڪستان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان گڏ، ملي، سنڌ جي دوري دوران عدالتي آفيسرن سان گڏ ورتل گروپ فوٽو

پاڪ چين اقتصادي ڀائيواري نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي: ناڻي وزير

پاڪ چين لاڳاپا ڏهاڪن کان مسلسل مضبوط ٿي رهيا آهن، چين هر عالمي فورم تي پاڪستان جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي: محمد اورنگزيب

هاڻي اهي لاڳاپا صرف بنيادي ڍانچي تائين محدود ناهن پر وسيع مارڪيٽ تي ٻڌل اقتصادي ڀائيواري ۾ تبديل ٿي چڪا آهن

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ هاڻي هڪ واضح اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي روڊ ميپ موجود آهي: چائنا گلوبل ٽيليويزن نيٽ ورڪ کي انٽرويو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان اينڊ ڪجهه هفتن ۾ چيني ڪيپيٽل مارڪيٽ ۾ پانڊا بانڊ جاري ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ اهو قدم پاڪستان ۽ چين
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم بيگم خالده ضياءَ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بنگلا ديش جي صدر اڳوڻي وزيراعظم خالده ضياءَ جو فائل فوٽو

بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم خالده ضياءَ لاڏاڻو ڪري وئي

بي اين پي جي سربراهه خالده ضياءَ 80 ورهين جي ڄمار ۾ دم ڏنو

بيماري سبب کيس نومبر جي آخر ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو هو

خالده ضيا کي سال 2018ع ۾ بدعنواني جي ڪيس ۾ قيد ڪيو ويو

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ بنگلاديش نيشنلسٽ پارٽي (بي اين پي) جي سربراهه خالده ضيا 80 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري وئي جنهن جو اعلان سندس پارٽي ڪيو
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بيگم خالده ضياءَ جي خدمتن کي ياد رکيو ويندو: صدر آصف زرداري

اڳوڻي وزيراعظم جي خاندان ۽ بنگلاديش جي عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم بيگم خالده ضياءَ جي لاڏاڻي تي گهري
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ ۾ 304.5 ملين ڊالر جي ٻن اهم موسمياتي منصوبن تي اتفاق

منصوبن ۾ 180.5 ملين ڊالر جو سنڌ ڪوسٽل ريزيلنس پراجيڪٽ، پنجاب ڪلائيميٽ ريزيلنٽ ۽ لو ڪاربن زرعي مشينري شامل

اهي منصوبا نه صرف پاڪستان جي ساموندي ۽ زرعي علائقن کي موسمياتي اثرن کان محفوظ بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا

سنڌ ڪوسٽل ريزيلنس منصوبو سنڌ جي ڪمزور ساموندي علائقي ۾ روزگار، غذائي تحفظ ۽ حياتياتي تنوع جي تحفظ ۾ مدد ڏيندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ (اي ڊي بي) وچ ۾ 304.5 ملين ڊالر جي ٻن وڏن موسمياتي تبديلي بابت منصوبن تي صحيح ڪئي وئي اقتصادي معاملن واري
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ننگرپارڪر بار ايسوسيئيشن جي آجياڻي تي چيف جسٽس آف پاڪستان جو دورو

چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي دوري دوران نئين اي لائبريري جو افتتاح ڪيو

هر عدالت ۾ اي لائبريري، سولر سسٽم ۽ عورتن لاءِ جڳهه مهيا ڪئي ويندي: چيف جسٽس

ننگرپارڪر (ن ع) چيف جسٽس آف سپريم
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پي آءِ اي جو لنڊن لاءِ ٻيهر اڏامون شروع ڪرڻ جو فيصلو

29 مارچ کان اسلام آباد کان لنڊن لاءِ هفتيوار 4 اڏامون هلايون وينديون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) برطانيه لاءِ پنهنجي فلائيٽ آپريشنز ۾ اضافي جو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

صدر ۽ وزيراعظم پاران روسي صدر جي رهائشگاهه تي حملي جي مذمت

اهڙن واقعن سان تڪرار جي پرامن حل جي ڪوشش کي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي: صدر

پاڪستان روس جي صدر ۽ روسي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري روس جي صدر ولاديمير پيوٽن جي رهائشگاهه تي ڊرون حملي جي خبرن تي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان گڏيل قومن ۾ مقرر پاڪستاني سفير عاصم افتخار جي ملاقات

عاصم افتخار نائب وزيراعظم کي پاڪستان جي مشن جي سرگرمين بابت

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ترجيحات کي دنيا جي سامهون اجاگر ڪرڻ تي به روشني وڌي

اسلام آباد (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جي متحده عرب امارات جي صدر سان ملاقات، علائقائي معاملن تي ڳالهيون

متحده عرب امارات جي صدر ۽ ابوظهبي جي حڪمران محمد بن زيد النهيان سان وزيراعظم رحيم يار خان ۾ ملاقات ڪئي

شيخ زيد پيلس ۾ ملاقات دوران نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ طارق فاطمي ٻن موجود هئا

رحيم يار خان (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف متحده عرب امارات جي صدر ۽ ابوظهبي جي حڪمران محمد بن زيد سان ملاقات ڪئي آهي جنهن دفاعي تعاون سميت مختلف شعبن ۾ گڏيل عمل کي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پوليس بيرڪن، ٿاڻن، واچ ٽاورز ۽ چوڪين جي تعمير جون اسڪيمون ترجيحي بنيادن مڪمل ڪيون وڃن: گهرو وزير

ڪراچي ۾ سي پي او ۾ پوليس کاتي ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن جي موجوده صورتحال بابت اهم جائزو اجلاس منعقد ٿيو

پوليس جي ترقياتي اسڪيمن کي شفاف، اثرائتي ۽ وقت سر مڪمل ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: ضياءَ لنجار

آءِ جي سنڌ پاران سالن کان التوا جو شڪار ڪيترن ئي ترقياتي اسڪيمن جو جائزو ٻيهر جائزو وٺڻ جي تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسٽيٽ بئنڪ جو سياڻي عوامي ڏيتي ليتي لاءِ بئنڪون بند رکڻ جو اعلان

اسلام آباد (اي پي پي) اسٽيٽ بئنڪ شيڊولڊ ۽ ڪمرشل بئنڪون ۾ ساليانتي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪنهن به جارحيت جو جواب سختي سان ڏنو ويندو: ايران

اسان جي ميزائل ۽ دفاعي صلاحيتن کي محدود نٿو ڪري سگهجي

نه ئي ان لاءِ اسان کي ڪنهن جي اجازت يا منظوري جي ضرورت آهي

تهران (اي پي پي) ايران جي سپريم ليڊر
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اورينج لائن بي آر ٽي کي گرين لائن سان ڳنڍڻ جو منصوبو شروع ڪيو آهي: شرجيل ميمڻ

شهرين کي سفر جا ٻه ڪرايا ادا ڪرڻا پون ٿا، پر هاڻي هڪ ئي ٽڪيٽ تي پورو سفر ممڪن ٿي سگهندو

ملڪ دشمن هاڻ کي استعمال ڪري رهيا آهن. والدين پنهنجن ٻارن جي سرگرمين تي نظر رکن

ماڻهن جي ذاتي تڪرارن کي قبائلي جهيڙن جو نالو نه ڏيڻ گهرجي. قانون اهڙن واقعن تي سخت ڪارروائي ڪندو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت اورينج لائن بي آر ٽي کي گرين لائن سان ڳنڍڻ جو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڀارتي شهر ممبئي ۾ بس جو ٽڪر لڳڻ سبب ٻن عورتن سميت 3 ماڻهو فوت، 8 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي شهر ممبئي ۾ بس جو ٽڪر لڳڻ سبب ٻن عورتن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

جاپان ۾ 3 منزله عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب هڪ شخص فوت، ٻه بي هوش

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي صوبي ڪاناگاوا ۾ 03 منزله عمارت (جنهن ۾
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ايڇ آر سي پي جي غير قانوني گرفتارين ۽ جبري گمشدگين جي واقعن تي سخت ڳڻتي

پشاور يونيورسٽي جي شاگردن حبيب وزير ۽ عدنان وزير جي مبينا گمشدگي جا واقعا نه ٿيڻ گهرجن: ايڇ آر سي پي

اهي ٻئي شاگرد 12 نومبر 2025 تي حڪومت پاران سڏايل هڪ گرينڊ جرڳي ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويا هئا

اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر نثار پنهور ۽ سنڌس پٽ محسن پنهور جي مبينا گمشدگي پڻ وڏي ڳڻتي جوڳي آهي

معذور شاگردياڻي ۽ ڪارڪن ماهه جبين بلوچ شامل آهن، جن کي نومبر ۽ ڊسمبر 2025 ۾ گرفتار ڪيو ويو هو

ذميوارن کي جوابده قرار ڏيڻ گهرجي ۽ متاثر خاندانن کي انصاف تائين غير مشروط رسائي فراهم ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) پاڪستان جي انساني حقن جي ڪميشن (ايڇ آر سي پي) غير قانوني گرفتارين، حراست ۽ جبري گمشدگيءَ جي جاري واقعن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ڪميشن موجب هن رجحان کي پاڪستان کي فوري طور تي روڪڻ گهرجي انساني حقن جي تنظيم سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي لکيو ته پشاور يونيورسٽي جي شاگردن حبيب وزير ۽ عدنان وزير جي مبينا گمشدگي، جيڪي 12 نومبر 2025 تي حڪومت پاران سڏايل هڪ گرينڊ جرڳي ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويا هئا، هڪ مثال آهي ته قانوني گهرجن کي ڪيئن معمول مطابق نظرانداز ڪيو ويندو آهي ساڳئي طرح اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر نثار پنهور ۽ سنڌس پٽ محسن پنهور جي مبينا گمشدگي پڻ وڏي ڳڻتي جوڳي آهي انهن کي 22 ڊسمبر 2025 تي ڪراچي ۾ سادا ڪپڙا پهريل ماڻهو کڻي ويا هئا، جيتوڻيڪ انهن يقين ڏياريو ويو هو ته نثار پنهور کي ٿوري دير بعد آزاد ڪيو ويندو ايڇ آر سي پي موجب، اهي واقعا بلوچستان ۾ عورتن ۽ نابالغن جي حراست سان ڳنڍيل آهن جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ٻيا شامل آهن جن ۾ معذور شاگردياڻي ۽ ڪارڪن ماهه جبين بلوچ شامل آهن جن کي نومبر ۽ ڊسمبر 2025 ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. تنظيم چيو ته اهڙا قدم آئيني ضمانتن جي ڀڃڪڙي ڪن ٿا ۽ خاندانن ۽ برادرين کي نقصان پهچائين ٿا بيان ۾ چيو ويو آهي ته اسان ٻيهر ورجايون ٿا ته رياست کي شفافيت کي يقيني بڻائڻ گهرجي، ذميوارن کي جوابده قرار ڏيڻ گهرجي ۽ متاثر خاندانن کي انصاف تائين غير مشروط رسائي فراهم ڪرڻ گهرجي

38 لک روپيا واپس ڪندڙ ريلوي پوليس اهلڪار کي لک رپيا انعام جو اعلان

هڪ ڪانسٽيبل کي ڊيوٽي دوران ريل گاڏي مان پيسن سان ڀريل هڪ بيگ مليو هو

انعامي رقم پنهنجي کيسي مان ڏيندس ته جيئن فرض شناس اهلڪارن جي حوصلا افزائي ٿئي: حنيف عباسي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ريلوي پوليس جي ڪانسٽيبل جي ايمانداري جو اعليٰ مثال قائم ڪرڻ تي کيس هڪ لک روپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي ريلوي واري وفاقي وزير واضح ڪيو ته مان اها انعامي رقم پنهنجي کيسي مان کيس ادا ڪندس ته جيئن فرض شناس اهلڪارن جي حوصلا افزائي ٿئي. ڪانسٽيبل کي ڊيوٽي دوران ريل گاڏي مان پيسن سان ڀريل هڪ بيگ مليو هو جنهن ۾ 38 لک روپين جي رقم موجود هئي بيگ ڪراچي جي هڪ واپاري محسن جو هو بيگ کي سپاهي مڪمل ديانتداري سان اصل مالڪ جي ڳولا ڪري روهڙي اسٽيشن تي سندس حوالي ڪري ڇڏيو هو وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سپاهي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته اوهان جهڙا ايماندار ۽ فرض شناس ماڻهو ئي ريلوي جو اصل چهرو آهن هن چيو ته ايمانداري ۽ فرض شناسي رياستي ادارن جي اصل طاقت هوندي آهي ۽ اهڙن قدمن کان سرڪاري ادارن تي عوام جي اعتماد ۾ وڏيڪ اضافو ٿيندو آهي

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق پاران خالده ضيا جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم خالده ضيا جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هن ملڪي سياست ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو خالده ضيا جو شمار ڏکڻ ايشيا جي اهم سياسي شخصيتن ۾ ٿيندو آهي. پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته بنگلاديش هڪ مدبر تجربيڪار ۽ مخلص سياسي اڳواڻ کان محروم ٿي ويو خالده ضيا جي سياسي خدمتن ۽ جمهوري جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا هن چيو ته پاڪستان جي پارليامينٽ ۽ عوام بنگلاديش جي عوام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر خالده ضيا جي گهرڀاتين ۽ بنگلاديشي عوام سان تعزيت جو اظهار ڪيو هن مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ پوئينرن لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 20 ...

ڪورٽ پاڪستان يحيٰ آفريدي کي ٿرپارڪر بار ايسوسيئيشن پاران تعلقي بار ايسوسيئيشن ننگرپارڪر ۾ اچڻ تي آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت سميت ٻين به شرڪت ڪئي، چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ننگرپارڪر ڪورٽ ۾ نئين قائم ٿيل اي لائبريري جو افتتاح ڪيو ۽ آجياڻي کي خطاب ڪندي چيو ته ڪارونجهر گهمي ڏٺو آهي ڏاڍو خوبصورت لڳو ان کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس چيف جسٽس ته ننگرپارڪر اچڻ جو هڪ ئي مقصد هو ته مون ضلعي ٿرپارڪر جي آخري عدالت جو دورو ڪيو جڏهن ننڍين عدالتن ۾ سهوليتون هونديون ته وڏين عدالتن ۾ پائيدار سهوليتون پيدا ٿينديون هتان جي ججن وڪيلن ۽ غريب عوام کي جديد ٽيڪنالوجي جون سهوليتون ميسر ٿي سگهن هن چيو ته جڏهن ججز ۽ وڪيلن کي سهوليتون ملنديون تڏهن ئي غريب مسڪين ۽ ڪورٽن ۾ ايندڙ هر شخص کي تڪڙو انصاف مهيا ٿي سگهي ٿو هر ڪورٽ ۾ اي لائبريري، سولر سسٽم عورتن ويهڻ لاءِ جڳهه پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهوليت کي يقيني بڻايو وڃي هن انتظاميه کي مخاطب ٿيندي چيو ته لوڪل ماڻهن جي تڪليفن کي نظر ۾ رکندي انهن جي اهنجن کي گهٽايو وڃي ۽ پنهنجن فرضن ۾ ڪوبه ڪوتاهي نه ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته جيترو به ٿي سگهندو جوڊيشري ۽ وڪيلن جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي گهٽايو ويندو ۽ جديد ٽيڪنالوجي جي بنياد تي وڌ ڪار ...

... ۽ گرين لائن تي سفر مسڪن ٿيندو وفاقي حڪومت جي وقت ۾ گرين لائن جي رائيڊرشپ 55 هزار هئي جيڪا هاڻي 80 هزار جي لڳ ڀڳ آهي بسن ۾ سيڪيورٽي ڪيمرائون ۽ ٻيون سهولتون موجود آهن اورنج لائن ۽ گرين لائن تي عورتن لاءِ الڳ بسون هلايون وينديون جڏهن ته سياڻي کان ڊبل ڊيڪر بسون شروع ڪيون پيو وڃن نيون اي وي (EV) بسون به پهچي چڪيون آهن وزيراعظم ڪراچي لاءِ 150 بسن جو اعلان ڪيو هو اسان جي وزير اعظم کي گذارش آهي ته پنهنجو واعدو پورو ڪيو وڃي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪنهن کي به سرڪاري زمينن تي قبضو ڪرڻ نه ڏنو ويندو ملير کان شاهراهه فيصل تائين ڊبل ڊيڪر بسون هلنديون جنهن سان ٽريفڪ جا مسئلا حل ٿيندا هڪ سوال جي جواب ۾ هن ٻڌايو ته سنڌ پوليس ۽ خفيه ادارن وڏي ڪارروائي ڪئي آهي جنهن ۾ پرڏيهي فنڊنگ تي هلندڙن هڪ معصوم نياڻي کي ورغلائي عام شهرين جي جان وٺڻ لاءِ تيار ڪيو دشمن ملڪن جي اشاري تي ماڻهن کي استعمال ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري والدين کي پنهنجن ٻارن جي سرگرمين تي نظر رکڻ گهرجي هن خبردار ڪيو ته سوشل ميڊيا ذريعي ٻارن کي غلط بيانيه ڏنو پيو وڃي سماجي عدم سهپ بابت ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ چيو ته ڪنهن کي مارڻ جهڙا واقعا معاشري ۾ ناڪاري رويي کي ظاهر ڪن ٿا جڏهن دليل ڪمزور هجي ته تشدد جو رستو اختيار نه ڪرڻ گهرجي ماڻهن تي تشدد ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ درست ناهي ۽ ذاتي تڪرارن کي قبائلي جهڳڙن جو نالو نه ڏيڻ گهرجي قانون اهڙن واقعن ...

... ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس جي پڄاڻي تي سنڌ جي گهرو وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ پوليس جي ترقياتي اسڪيمن کي شفاف انداز ۽ وقت سر مڪمل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ته جيئن صوبي ۾ امن امان جي قيام ۽ پوليس جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ وڌيڪ بهتري آڻي سگهجي

بقايا 15 ايران

علي خامنه اي جي صلاحڪار علي شمخاني چيو آهي ته ايران تي ڪنهن به "جارحيت" جو جواب سخت ڏنو ويندو پرڏيهي ميڊيا مطابق علي شمخاني 6 مهينا اڳ آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران جي ايٽمي تنصيبات تي ڪيل حملن کي نظر ۾ رکندي ايڪس پليٽ فارم تي لکيو ته ايران جي ميزائل ۽ دفاعي صلاحيتن کي محدود نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي ان لاءِ ڪنهن اجازت يا منظوري جي ضرورت آهي. ايراني اڳواڻ جو اهو بيان ڊونلڊ ٽرمپ ۽ نيتن ياهو وچ ۾ گڏيل نيوز ڪانفرنس کانپوءِ سامهون آيو ان نيوز ڪانفرنس ۾ ٽرمپ جو چوڻ هو ته آمريڪا ڳالهين لاءِ تيار آهي خاص طور تي ايران جي ايٽمي هٿيارن جي تباهه ٿيڻ کانپوءِ ڳالهين جو امڪان موجود آهي.

پاڪستان جو سفارتڪار رفيع الدين احمد مٽيءَ ماءُ حوالي

نيويارڪ (اي پي پي) پاڪستان جي سفارتڪار رفيع الدين احمد کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو هو جيڪو چنچر تي لاڏاڻو ڪري ويو هو مرحوم جي نيو جرسي ۾ تدفين ڪئي وئي مرحوم ڪيترن سالن تائين اهم عهدن تي رهيو ۽ ڊهو عرصو بيمار رهڻ بعد نيو يارڪ جي اسپتال ۾ 93 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ سندس دوستن گڏيل قومن جي ساٿين ۽ وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نائب مستقل نمائندي عثمان جدون به مرحوم جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي ۽ پاڪستان حڪومت جي نمائندگي ڪئي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد مرحوم جي لاڏاڻي تي پنهنجي بيان ۾ کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته هو عالمي سفارتڪاري ۾ هڪ ڏي ميراث ڇڏي ويو جيڪا نوجوان سفارتڪارن لاءِ تحريڪ جو سبب بڻجندي

بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم جي لاڏاڻي تي ملڪ ۾ 3 ڏينهن قومي سوڳ جو اعلان

ٽائيٽلز جي اي-ٽرانسفر سسٽم جي تياري تي ٻڌل آهي. پائلٽ مرحلو ضلعي متياري جي ديهه پليجاڻي ۽ متياري جڏهن ته ضلعي سکر جي ديهه باگڙجي ۾ لاڳو ڪيو پيو وڃي. قانوني تحفظ مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 ۾ ترميمن جي تجويز ڏني وئي آهي جن ۾ آءِ سي ٽي سان لاڳاپيل تعريفن جو اضافو رڪارڊ آف رائيٽس جي تعريف کي وڌائي ڊجيٽل رڪارڊ شامل ڪرڻ ۽ نئون سيڪشن A-42 شامل ڪرڻ آهي جنهن تحت حڪومت کي ڊجيٽلائيزيشن ۽ اي-ٽرانسفر بابت قاعدا نافذ جو اختيار ملندو. ڪابينا بورڊ آف ريونيو ۽ سڪر آءِ بي اي جي ڪوشش کي ساراهيو. سنڌ اسيمبلي مان بل جي منظوري بعد هن قانون جو نفاذ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. وڏي وزير هن قانون کي عوامي مفاد، شفافيت ۽ درستگي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏنو. موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس: ڪابينا صوبي ۾ لازمي موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس جي نفاذ جو جائزو ورتو. وڏي وزير جي هدايت تي ايڪسائيز ڪاٽي انشورنس ايسوسيئيشن آف پاڪستان (IAP) سان ڪليمن جي ادائيگي جي عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون. وڏي وزير ايڪسائيز ڪاٽي کي هدايت ڪئي ته باقاعده انشورڊ گاڏين سان ...

بقايا 1 آمريڪا

ايران ٻيهر هٿيار تيار ڪرڻ يا پنهنجي عسڪري صلاحيت ٻيهر وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان تي حملو ڪيو ويندو فلوريڊا ۾ اسرائيلي جي وزيراعظم جي آجيان جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اطلاع آهن ته ايران ٻيهر پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو ته اسان سخت حملو ڪنداسين

بقايا 2 چيف جسٽس آف پاڪستان

باعزت ماحول بنيادي سهولتون ۽ عوام دوست عدالتي نظام به ادارتي انصاف جو لازمي جز آهي اهڙن خيالن جو اظهار چيف جسٽس آف پاڪستان گذريل ڏينهن ٿرپارڪر ضلعي جي دوري جي موقعي تي ڪيو سپريم ڪورٽ جي سنڌ سماءِ واري شعبي مان جاري پڌرائيءَ مطابق چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ چيئرمين لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان ملڪ جي ڏورانهن ضلعي ٿرپارڪر جو دورو ڪيو جتي انساني ترقي جا انگ اکر گهٽ آهن ۽ اقليتي برادريءَ جو وڏو انگ آباد آهي ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس پڻ ان سان گڏ هو پڌرائيءَ مطابق چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ ...

بقايا 5 صدر آصف علي زرداري

سياسي اڳواڻ طارق رحمان 17 سالن جي جلاوطني بعد خميس ڏينهن بنگلاديش واپس آيو ۽ پارٽي کي فيبروري 12 جي عام چونڊن ۾ قيادت ڏيندو جيڪڏهن هو پارٽي اڪثريت حاصل ڪري ٿي ته هو وزيراعظم طور نامزد ڪيو ويندو

ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي اڱاري ڏينهن "ايڪس" تي هڪ پيغام ۾ صدر چيو ته هو بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم بيگم خالده ضياء جي لاڏاڻي تي پنهنجي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪري ٿو صدر آصف علي زرداري اڳوڻي وزيراعظم جي خاندان ۽ بنگلاديش جي عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم جي قيادت ۽ خدمتن کي احترام سان ياد رکيو ويندو هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏئي

بقايا 6 اتفاق

وزارت مان جاري پڌرائي مطابق انهن منصوبن ۾ 180.5 ملين ڊالر جو سنڌ ڪوسٽل ريزيلنس پراجيڪٽ ۽ پنجاب ڪلائيميٽ ريزيلنٽ ۽ 124 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جو لو ڪاربن زرعي مشينري منصوبو شامل آهي اقتصادي معاملن واري وزارت جي سيڪريٽري ڊويزن محمد حمير ...

عوامي اشتهار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر ..... سال 2025
رامي ڌيءَ لمشو زال چندر هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ تاج محمد بلوچ عثمان شاهه هوڙي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پليئنٽف...خلاف: چندر پٽ تيلي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ Colonel محمد حنيف خان/ شاهنواز جوڻيجو تعلقو ٽنڊوآدم ضلعو سانگهڙ...ڊفينڊنٽ
نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف سوٽ فار يو/ايس 09 ۽ 12 سيپريشن آف هندو ميرج ايڪٽ 2019 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج نمبرII حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2298 سال 2025
...

ڪورٽ نوٽيس

...

ڪورٽ نوٽيس

...

عام اطلاع

...

عام اطلاع

...

گمشده ڪاغذات

...

گمشده ڪاغذات

...

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DO-307710356-2025	WORKSHOP SERVICES FOR PREMIUM CASING CONNECTIONS	19.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DO-307660148 -2025	HIRING OF BOP AND CHOKE MANIFOLD	20.01.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDC-SCM-LE-CSR-PQ-307873707-2025	PRE-QUALIFICATION OF FIRMS FOR SOLARIZATION	26.01.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on 24.11.2025, 28.11.2025 and 23.12.2025, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FA-CB-DS-302853318-2025	XANTHAN GUM	14.01.2026 AT 1100 HRS
2.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-QP-304258622-2025	SPARES FOR VOLVO PENTA FIRE WATER ENGINES	14.01.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 359/44

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سالياني ترقياتي پروگرام ۾ رڪارڊ سُستي!

صفحو 4

محمد خان ابڙو
2026ع پاڪستان لاءِ ڪيئن رهندو؟

صفحو 4

2026ع ۾ اسان ڇا ڪنداسين؟

ڊاڪٽر حسين احمد پراچه

صفحو 4

اعجاز منگي
افغانستان جي صورتحال ۽ خطي ۾ وڌي ويل دهشتگردي!

صفحو 4

مسوءِ گڙي جي آبادي وڌي وئي،وسيلا گهٽجي ويا،رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم،احتجاج

مسوءِ گڙي ۾ آبادي لڳ ڀڳ 20 هزار تائين پهچي چڪي،بنيادي وسيلا ۽ شهري سهولتون نه هئڻ سبب رهواسي سخت مشڪلاتن جو شڪار

مسوءِ گڙي جي رهواسين وڏي انگ ۾ گڏ ٿي احتجاجي مظاهرو ڪيو،مظاهرين پاران اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

مسوءِ گڙي کي شهر جو درجو حاصل آهي،پر سهولتون ڳوٺن کان به گهٽ آهن. 20 هزار آبادي باوجود بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو آهي،اڳواڻ

مسوءِ گڙي (ن ع)تعلقي حيدرآباد روڊ جي قديمي شهر مسوءِ گڙي ۾ آبادي لڳ ڀڳ 20 هزار تائين پهچي چڪي آهي جڏهن ته بنيادي وسيلا ۽ شهري سهولتون نه هئڻ سبب رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. صحت، پيئڻ جو صاف پاڻي، نيڪال، تعليم روڊن ۽ ٻين ضروري سهولتن جي کوٽ سبب علائقي جا ماڻهو اڄ به ڇڻ ته پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.ان حوالي سان مسوءِ گڙي جي رهواسين وڏي انگ ۾ گڏ ٿي احتجاجي مظاهرو ڪيو.مظاهري ۾ شامل ماڻهن اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو.رهواسين ٻڌايو ته شهر ۾ پبلڪ هيلٿ جون سهولتون ناپيد آهن ته سرڪاري اسپتال صحيح نموني ڪم ڪري ٿي ۽ نه ئي ايمرجنسي لاءِ ڪو بندوبست موجود آهي پيئڻ جو صاف پاڻي نه هئڻ سبب مختلف بيمارين عام ٿي ويون آهن جڏهن ته نيڪال جو نظام تباهه هجڻ ڪري گهٽيون ۽ گهر گندگي جو شڪار آهن.مظاهري ۾ شامل اڳواڻن چيو ته: مسوءِ گڙي کي شهر جو درجو حاصل آهي پر سهولتون ڳوٺن کان به گهٽ آهن. 20 هزار آبادي باوجود اسان کي بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو آهي" رهواسين جو وڌيڪ چوڻ هو ته خراب روڊن سبب آمدرفت ڏکئي بڻيل آهي اسڪولن ۾ استاد گهٽ آهن جڏهن ته نوجوان روزگار نه هئڻ سبب بي روزگاري جو شڪار آهن.احتجاج ڪندڙن ضلعي انتظاميا، چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل کاتن کان فوري طور نوٽيس وٺي مسوءِ گڙي ۾ پبلڪ هيلٿ سينٽر قائم ڪرڻ، صاف پاڻي جي فراهمي، نيڪال ۽ روڊن جي بهتري تعليم ۽ ٻين بنيادي شهري سهولتن جا مطالبا ڪيا.آخر ۾ مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مسئلا حل نه ڪيا ويا ته هو احتجاج جو دائرو وڌائيندا ۽ اعليٰ اختيارين تائين آواز پهچائيندا.

مسوءِ گڙي بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب گندو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

جاتي صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ کلي ڪچهري ۾ عوام جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

محتسبِ اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار علي ممتاز زيدي پاران جاتي ۾ کلي ڪچهري

جاتي ۽ آسپاس جي علائقن مان وڏي انگ ۾ مرد، بزرگ ۽ نوجوان شريڪ ٿيا

بدانتظامي،پنهنجا نوازي،جاتي ٽائون انتظاميا جي ناڪامي جون شڪايتون ڪيون ويون

جاتي(ن ع)محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار سيد علي ممتاز زيدي پاران جاتي جي اي سي آفيس ۾ کليل ڪچهري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو مقصد عوامي مسئلن کي سڌي ريت ٻڌي انهن جو فوري حل يقيني بڻائڻ هو.کليل ڪچهري ۾ جاتي ۽ آسپاس جي علائقن مان وڏي انگ ۾ مرد، بزرگ ۽ نوجوان شريڪ ٿيا ۽ مختلف سرڪاري کاتن خلاف پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون.کليل ڪچهري دوران عوام پاران منشيات جي وڪري ۽ استعمال ۾ واڌ، تعليمي ادارن ۾ ناقص سهولتون، استاد جي کوٽ، جاتي ٽائون انتظاميا جي ناڪامي، ضلعي ڪائونسل ۾ ڪرپشن، ايريگيشن کاتي ۾ بدانتظامي، اين جي اوز سيڪٽر ۾ پنهنجا نوازي، حقدارن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ روڊ کاتي طرفان علائقي جي روڊن جي ڏُٻري حالي بابت تفصيلي شڪايتون ڪيون ويون. شڪايت ڪندڙن جو چوڻ هو ته لاڳاپيل کاتا بار بار درخواستن باوجود به مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم نٿا کڻن.ان موقعي تي محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار سيد علي ممتاز زيدي شڪايتن کي غور سان ٻڌندي موجود آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪيون ته عوامي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي ۽ لاپرواهي يا ڪرپشن ۾ ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.هن چيو ته عوامي شڪايتن جو ازالو محتسب اعليٰ جي اولين ترجيح آهي ۽ ڪنهن به کاتي کي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي.ٻئي طرف کليل ڪچهري دوران انتظاميا طرفان مناسب انتظام نه هئڻ سبب ماڻهن کي شديد پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو ته ويهڻ جو مناسب بندوبست هو ۽ نه ئي شڪايتون درج ڪرائڻ لاءِ واضح طريقيڪار موجود هو جنهن تي سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) ضلعي سجاول جي اڳواڻ ڪامريڊ اشرف ٿهيم سخت احتجاج ڪندي انتظاميا جي نااهلي تي سخت تنقيد ڪئي احتجاج بعد مختيارڪار مائيڪ گهرائي پاڻ عوام کان هڪ هڪ ڪري مسئلا ٻڌڻ شروع ڪيا ۽ شڪايتن جي جلد از جلد حل جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي ڪيترن ئي شهرين مطالبو ڪيو ته کليل ڪچهري جي شڪايتن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ايندڙ اهڙين ڪچهرين ۾ بهتر انتظام ڪيا وڃن.عوام اميد ظاهر ڪئي ته محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار طرفان ڏنل هدايتن تي حقيقي عملدرآمد ٿيندو ۽ جاتي سميت پوري علائقي جا ديرينه مسئلا حل ٿيندا.

مٺي جي وڪيلن پاران ڪارونجهر جبل جي حفاظت لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکڻ جي التجا

ٿرپارڪر بار ايسو سئيشن جي اڳواڻن موهن منارائي،ڪنور امر ظهير الدين نهڙيو ۽ ٻين وڪيلن چيف جسٽس پاڪستان سان ملاقات ڪئي

ڪارونجهر تي هر سال لکين سياح گهمڻ ايندا آهن جنهن سبب ڪارونجهر مقامي ماڻهن لاءِ معاشي ذريعو آهي،وڪيل

مون ڪارونجهر گهمي ڏٺو آهي جيڪو خوبصورت تفريحي ماڳ آهي جنهن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آئون ڀرپور ڪوشش ڪندس،چيف جسٽس

مٺي (رپورٽ: نندلال لوهاڻو) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ڪالهه ٻن ڏينهن جي دوري تي ٿرپارڪر پهتو. پهرين ڏينهن مٺي کان ننگرپارڪر روانو ٿي ويو جتي هن تاريخي سياحتي ماڳ ڪارونجهر جبل پڻ گهمي ڏٺو رات ننگرپارڪر ۾ قيام ڪرڻ بعد ٿرپارڪر بار ايسو سئيشن جي اڳواڻن موهن منارائي، ڪنور امر ظهير الدين نهڙيو ۽ ٻين وڪيلن سان ملاقات ڪئي وڪيلن پاران ڪيس ڪارونجهر جبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکڻ جي التجا ڪئي ۽ کين ٻڌايو ته ڪارونجهر تي هر سال لکين سياح گهمڻ ايندا آهن جنهن سبب ڪارونجهر مقامي ماڻهن لاءِ معاشي ذريعو آهي ۽ ڪارونجهر جي هر پٿر جي حفاظت لاءِ ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل ڪيو وڃي. ان موقعي تي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي وڪيلن جي وفد سان ڳالهائيندي چيو ته مون ڪارونجهر گهمي ڏٺو آهي جيڪو خوبصورت تفريحي ماڳ آهي جنهن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آئون ڀرپور ڪوشش ڪندس جنهن بعد هو پروٽوڪول ۾ مٺي پهتو ۽ جوڊيشنل ڪامپليڪس مٺي ۾ اليڪٽرانڪ لائبريري جو دورو ڪيو ۽ ڪامپليڪس جي اڱڻ ۾ ٻوٽو پوکيو جنهن بعد هو مٺي کان واپس روانو ٿي ويو.

مٺي چيف جسٽس سپريم ڪورٽ ننگرپارڪر ۾ وڪيلن جي وفد سان ڳالهائي رهيو آهي

دڙي ۾ هڪ ارب 23 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل مختلف روڊ ڳوبل ٽريڪٽرن تباهه ڪري ڇڏيا

بغير ٽائر لڳل ڳوبل ٽريڪٽرن روڊن جي ستياناس ڪري ڇڏي،پوليس ڳوبل ٽريڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ فقط ڀتاخوري ڪرڻ تائين محدود

دڙي ميرپوربٺورو ايراڻ جهوڪ شريف ۽ ٻنون روڊ تعمير ڪرايا،پر قانون جي حڪمراني نه هئڻ سبب ڳوبل روڊن کي ڪيڙي تباهه ڪري رهيا آهن،شهري

ڪروڙين روپين جي ماليت سان تعمير ٿيل روڊن کي ڪيڙي تباهه ڪندڙ ڳوبل ڊرائيورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

دڙو (ن ع)دڙو ۽ ڀرپاسي جي مختلف روڊن کي ڳوبل ٽريڪٽرن ڪيڙي تباهه ڪري ڇڏيو هڪ ارب 23 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل مختلف روڊ هنڌان هنڌان اکڙڻ لڳا، ضلعي انتظاميا سجاول پاران قانوني رٽ نه هئڻ سبب مختلف روڊن تي بغير ٽائر لڳل ڳوبل ٽريڪٽرن روڊن جي ستياناس ڪري ڇڏي، مقامي پوليس ڳوبل ٽريڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ فقط ڀتاخوري ڪرڻ تائين محدود آهي ان سلسلي ۾ هتان جي سماجي اڳواڻن اعجاز اختر ميمڻ رشيد آزاد، اقبال سومرو وفا ميمڻ جاويد جگر ۽ ٻين روڊن تي ٽريڪٽر ڳوبلن جي ڪيڙي خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته وڏي عوامي جدوجهد بعد سنڌ سرڪار 123 ڪروڙين روپين جي لاڳت سان دڙي ميرپوربٺورو ايراڻ جهوڪ شريف ۽ ٻنون روڊ تعمير ڪرايا. پر سجاول ضلع ۾ قانون جي حڪمراني نه هئڻ سبب ٽريڪٽر ڳوبل سڄي عام روڊن کي ڪيڙي تباهه ڪري رهيا آهن جنهن سبب اهم قومي شاهراهه وارا روڊ تعمير ٿيڻ جي ٿوري وقت اندر ڳوبل ڪيڙي سبب هنڌان هنڌان اکڙي رهيا آهن هنن چيو ته روڊن تي ڳوبل ٽريڪٽر هلائيندڙ شوباز ڊرائيورن ۽ انهن جي مالڪن خلاف ڪير به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي سجاول ۽ ٻين اختيارين کان گهر ڪئي ته ڪروڙين روپين جي ماليت سان تعمير ٿيل روڊن کي ڪيڙي تباهه ڪندڙ ڳوبل ڊرائيورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

دڙو ڪروڙين روپين جي ماليت سان تعمير ٿيل روڊ ڪيڙي تباهه ڪندڙ ڳوبل ٽريڪٽر

اجاين افواهن کي پکيڙڻ وارين خبرن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو،ڊي سي مٽياري

رياست خلاف منفي ۽ من گهڙت پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

غير تصديق ٿيل نيوز چينلز ۽ ڪوڙا سوشل ميڊيا اڪائونٽس قومي سلامتي لاءِ خطرو آهن

مٽياري(ن ع)ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته رياست مخالف پروپيگنڊا، ڪوڙين،غير تصديق ٿيل ۽ اجاين افواهن کي پکيڙڻ وارين خبرن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو جڏهن ته ان ڏس ۾ صحافي برادري پنهنجو لاڀائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي هو اڄ پنهنجي آفيس ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي حوالي سان عملدارن ۽ صحافين سان ڪڏجاڻي ڪري رهيو هو ڪڏجاڻي ۾ مٽياري ضلعي جي پريس ڪلبن جي صدرن،جنرل سيڪريٽرين،ميمبرن کان علاوه سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي ڪڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري چيو ته ملڪ جي سلامتي تي ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ رياست خلاف منفي ۽ من گهڙت پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته جعلي خبرون ڦهلائڻ وارا غير تصديق ٿيل نيوز چينلز ۽ ڪوڙا سوشل ميڊيا اڪائونٽس قومي سلامتي لاءِ خطرو آهن جن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته انتظاميا قومي ايڪشن پلان تي مڪمل عملدرآمد لاءِ پرعزم آهي ۽ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ عناصر کي ڪنهن به صورت ۾ رعايت نه ڏني ويندي. ڊپٽي ڪمشنر ميڊيا نمائندن جي مثبت ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ضلعي ۾ امن هم آهنگي ۽ قانون جي بالادستي لاءِ انتظاميا ۽ ميڊيا کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.ڪڏجاڻي ۾ عطائي صحافين ۽ ويب چينل هلائيندڙن بابت پڻ غور ويچار ڪيو ويو جڏهن ته ڪڏجاڻي ۾ موجود صحافين پڻ پنهنجا خيال ۽ تجويزون پيش ڪيون ۽ ذميوارانه صحافت جي اهميت تي زور ڏنو صحافين چيو ته صحيح تصديق ٿيل ۽ متوازن خبرون ڏيڻ سان ئي سماج ۾ آگاهي ۽ استحڪام پيدا ٿي سگهي ٿو صحافين نيشنل ايڪشن پلان جي حوالي سان انتظاميا سان مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي. بعد ۾ هن پنهنجي آفيس ۾ عملدارن سان ڪڏجاڻي ڪندي ضلعي ۾ بجلي جي چوري کي روڪڻ،غير قانوني هلندڙ پيٽرول پمپن،ورڪ ويزا ڪانسواءِ رهندڙ پرڏيهين،غير قانوني گدامن نان ڪسٽم پيد گاڏين سگريٽن،ذخيره اندوزي ڪرڻ ۽ مقرر اگهن کان وڌيڪ وڪرو ڪندڙ واپارين ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون

مٽياري ڊي سي محمد يوسف شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

مسلم ليگ هائوس ميرپور ماٿيلو ۾ميان نواز شريف جي سالگرهه جي تقريب

اجي ڪمار پنشي، لالا قيصر زمان خان پٺاڻ ۽ ڪارڪنن گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو

نواز شريف هميشه ملڪ جي ترقي، جمهوريت ۽ عوامي ڀلائي لاءِ قدم کنيا آهن،اڳواڻ

گهوٽڪي(ن ع)مسلم ليگ (ن) جي اير اين اي ڊاڪٽر درشن لال پنشي جي خصوصي هدايتن تي مسلم ليگ هائوس ميرپور ماٿيلو ۾پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي قائد ميان محمد نواز شريف جي سالگرهه جي موقعي تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جا مهمان خاص پاڪستان مسلم ليگ (ن) يوٿ ونگ سنڌ جو اڳواڻ اجي ڪمار پنشي ۽ مسلم ليگ (ن) ضلع گهوٽڪي جو جنرل سيڪريٽري لالا قيصر زمان خان پٺاڻ هئا. تقريب ۾ قربان بلوچ، مظفر علي سومرو محمد اسماعيل ذوالفقار علي ڪورائي شير بهادر خان سميت مسلم ليگ (ن) جا سوين ڪارڪن شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اجي ڪمار پنشي، لالا قيصر زمان خان پٺاڻ ۽ ڪارڪنن گڏجي قائد ميان محمد نواز شريف جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ سندس درازي عمر صحت ۽ سلامتي لاءِ خصوصي دعا گهري. ان موقعي تي خطاب ڪندي اجي ڪمار پنشي چيو ته ميان محمد نواز شريف هميشه ملڪ جي ترقي جمهوريت جي استحڪام ۽ عوامي ڀلائي لاءِ عملي قدم کنيا آهن. هن چيو ته سندس قيادت هيٺ پاڪستان ترقي جون نيون منزلون طئي ڪيون ۽ اڄ به عوام کي سندس قيادت تي مڪمل اعتماد آهي. جنرل سيڪريٽري ضلع گهوٽڪي لالا قيصر زمان خان پٺاڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ميان محمد نواز شريف مسلم ليگ (ن) جي سڃاڻپ ۽ عوام جي دلين جي آواز آهن. هن وڌيڪ چيو ته پارٽي ڪارڪن هر ڏکئي وقت ۾ پنهنجي قائد سان گڏ بيٺا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ به پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندا. آخر ۾ تقريب ۾ شريڪ ڪارڪنن ان عزم جو اظهار ڪيو ته مسلم ليگ (ن) قائد ميان محمد نواز شريف جي ويزن موجب عوامي خدمت ۽ ملڪ جي ترقي جو مشن ڀرپور نموني سان جاري رکندي

گهوٽڪي مسلم ليگ ن يوٿ ونگ سنڌ جا اڳواڻ نواز شريف جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽي رهيا آهن

شاهپور چاڪر چوڪ تي موبائيل فونن چوري ڪندي چور سرگهو،پوليس حوالي

چاهه صاحب(ن ع)شاهپور چاڪر چوڪ تي نامعلوم چور رشيد ڪميونيڪيشن جي دڪان تان ڏينهن ڏٺي جو پنج نئين موبائيل فونون چوري ڪندي شهري هڪ چور کي سرگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته چور ٻن ڪو ڦاءِ موٽر سائيڪل تي سوار هئا هڪ چور رشيد شرجي دڪان ۾ اندر داخل ٿي ويو جڏهن ته ٻئي چور موٽرسائيڪل سوار دڪان مالڪ کي ٻاهر سڏ ڪري فضول ڳالهيون ڳالهيون ڪري ٽائيم ڦاهيا ڪيو ته جڏهن چور جي ٻئي ساٿي دڪان مان نئين موبائيل فونون چوري ڪري ٻاهر نڪتو ته شهرين ڪيس ڏسي ورتو ۽ چور جي جيب مان ڪنيل نئين موبائلون ڪڍي ورتيون ۽ چور کي پڪڙي مارڪٽ ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته دڪاندار مالڪ عبرت نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجون اڳ ۾ به موبائلون چوري ٿيل آهن موئنسان انصاف ڪري اڳ چوري ٿيل نئين موبائلون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن.

سنڌ يونيورسٽي جي مختلف بيچن جي 14 شاگردن وچ ۾ مجموعي طور 4 لک 56 هزار 650 روپين جا اسڪالرشپ چيڪ ورهايا ويا

ڄامشورو (پريس ريليز)سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ مختلف بيچن جي 14 شاگردن ۾ مجموعي طور 4 لک 56 هزار 650 روپين جا اسڪالرشپ چيڪ ورهايا. ڄاڻايل اسڪالرشپ تقريب وي سي آفيس ۾ منعقد ٿي جتي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيڪ اهل شاگردن ۽ شاگردياڻين حوالي ڪيا ان موقعي تي الفلاح تنظيم الڪوثر جو فوڪل پرسن انتظار مهدي، ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽس فنانشل ايڊ آفيس ميان احمد عالم پاشا ۽ رافع ميمڻ پڻ موجود هئا. تقريب دوران شاگردن ...

حيدرآباد ۾عورت پاران مڙس جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو

مڙس عليناز رند مقدس عرف خوشبو سان ناجائز تعلقات قائم ڪري ڇڏيا آهن:سويرا

مڙس ۽ ان جو پائيٽيو مڇرجي منهنجي مائٽن کي موتمار ڌمڪين تي لهي آيا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد جي گلشن مهراڻ ڪالوني جي رهواسڻ سويرا ڌي آغا نورمحمد پٺاڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مڙس عليناز عرف ٻبلو رند جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته مڙس عليناز رند غلط صحبت ۾ اچي هڪ عورت مقدس عرف خوشبو سان ناجائز تعلقات قائم ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته ان تي اعتراض ڪرڻ تي مڙس مارڪٽ ڪري گهر ۾ قيد ڪري ڇڏيو جڏهن ته موقعو ملڻ تي پنهنجي ٻن ٻارن سان گڏ گهر ڇڏي حيدرآباد ۾ پناهه ورتي آهي. جنهن تي مڙس عليناز رند ۽ ان جو پائيٽيو منور رند مڇرجي منهنجي مائٽن کي موتمار ڌمڪين تي لهي آيو آهي. هن الزام هنيو ته مڙس عليناز ۽ ان جا يار مشتاق،دانش،اياز ڪچي شراب جي وڪري جو ڪم ڪندا آهن ۽ کين پوليس جي مڪمل پٺڀرائي آهي جنهن سبب اسان کي ڄاڻايل ماڻهن مان جاني خطرو آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽس وٺي تحفظ ڪيو وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل عارف قريشي جي گهرڀاتين پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

مارڪيٽ ٿاڻي جو ايس ايڇ او منير عباسي ڪراچي ۾ گهر تي چڙهائي ڪري عارف قريشي کي کڻي حيدرآباد کڻي آيو،امڙ شميم

پوليس ڀرپاسي گهرن تي لڳل ڪچهيون ڪيمرائون به پٽي کڻي آئي ۽ ٻئي ڏينهن 7ڊسمبر تي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري ڇڏيو

عارف حيدرآباد ڇڏي ڪراچي ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ رهي محنت مزدوري ڪري گهرڀاتين جو پيٽ پالي رهيو هو

جڙتو پوليس مقابلي ۾نوجوان کي قتل ڪرڻ جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي، ڪوڙو مقابلو ڪندڙ ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ۾ 23ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان محمد عارف قريشي جي گهرڀاتين پوليس جي ظلم خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل محمد عارف جي امڙ شميم ۽ زال انساء ڳالهائيندي چيو ته مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس 6ڊسمبر2025تي فجر مهل ڪراچي جي G5سنڌي هوٽل پرسان واقع گهر تي حيدرآباد جي مارڪيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او منير عباسي گهر تي چڙهائي ڪري محمد عارف قريشي کي کڻي حيدرآباد کڻي آئي جڏهن ته موقعي تي ڀرپاسي گهرن تي لڳل ڪچهيون ڪيمرائون به پٽي کڻي آئي ۽ ٻئي ڏينهن 7ڊسمبر 2025تي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري ڇڏيو. هنن چيو ته عارف پوليس جي ظلم کان حيدرآباد ڇڏي ڪراچي ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ رهي محنت مزدوري ڪري گهرڀاتين جو پيٽ پالي رهيو هو پوليس ناحق عارف کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪري اسان کان اسان جو سهارو ڦري ورتو آهي. هنن چيو ته جيڪڏهن عارف جو ڪو ڏوهه هو ته ان تي ڪيس داخل ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها پر پوليس عارف کي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ سوڌو اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جڙتو پوليس مقابلي هڪ بيگناهه نوجوان کي قتل ڪرڻ جو نوٽس وٺي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ڪوڙو مقابلو ڪندڙ ايس ايڇ او خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

انسپيڪٽر عبدالغفور دايو بوزدارو ڏا ٿاڻي جو نئون ايس ايڇ او مقرر

بوزدارو ڏا(ن ع)ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو بوزدارو ڏا ٿاڻي جي ايس ايڇ او آغا عابد علي پٺاڻ کي پوليس لائين بدلي ڪري انسپيڪٽر عبدالغفور دايو کي بوزدارو ڏا ٿاڻي جو نئون ايس ايڇ او مقرر ڪري ڇڏيو بوزدارو ڏا ٿاڻي تي نئين مقرر ٿيل ايس ايڇ او عبدالغفور دايو بوزدارو ڏا ٿاڻي جي چارج وٺي ڪم شروع ڪري ڏنو ان موقعي تي چارج وٺڻ بعد نئين مقرر ٿيل ايس ايڇ او انسپيڪٽر عبدالغفور دايو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بوزدارو ڏا ٿاڻي جي حد جو گشت شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ روڊن رستن تي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي چيڪنگ ڪري تلاشي ورتي پئي وڃي ڏوهارين منشيات فروشن جوارين رياجين ۽ روپوش ڏوهارين کي هرگز معاف نه ڪندس کين گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويندو

شڪارپور واري علائقن ڌاڙيلن اچڻ وڃڻ مشڪل بڻجي ويو آهي،غلام مرتضيٰ جتوئي

ڏيان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ڌاڙيلن هوندو ته امن امان قائم نه ٿي سگهندو

بدامني هڪ بيماري آهي جنهن جو بروقت علاج نه ڪرڻ سان اها وڌندي

مرتضيٰ خان جتوئي تي ڪيس داخل ٿي سگهن ٿا توهان سان ڪهڙو حشر ٿيندو

مورو(ن ع)سنڌ جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي هر پاسي ڦرلٽ قتل عام عروج تي پهتل آهي گهوٽڪي شڪارپور واري علائقن ڌاڙيلن اچڻ وڃڻ ته مشڪل بڻجي ويو آهي ۽ اهو رڪندڙ پڻ غير محفوظ بڻيل آهن رات جي وقت مڪمل لوگو ايريا بڻجي ويو آهي حڪومتون امن قائم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺن باقي انهن جو ڌيان پئسن ڪمائڻ ڪرپشن ڪرڻ ۽ مخالفن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ڌاڙيلن هوندو ته امن امان قائم نه ٿي سگهندو اهڙن خيالن جو اظهار نيشنل پيپلز پارٽيءَ چيئرمين غلام مرتضيٰ خان جتوئي مورو جي ... تي ڪيسن کي منهن ڏيان پيو 70 سيڪڙو جج صحيح آهن جيڪي انصاف ڪندي ڏين پيا ۽ انصاف ئي هر جي بنياد آهي جنهن ڪانسواءِ ڪو به ملڪ هلي نه ٿو سگهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا بنيادي رڪن رهيا آهيون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي دور ۾ پارٽي نظرياتي هئي ڀٽو صاحب پاڪستان کي آئيني بم ڏيڻ عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو جيڪو ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي جڏهن ته شهيد راڻي بينظير ڀٽو صاحبه جي دور ۾ پنجاهه فيصد پارٽي نظرياتي هلي جنهن پنجاهه فيصد شين ...

مورو غلام مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٺٽون دمبالو ۾مرحوم آغا الله ڏنو دراني جي ياد ۾اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ٺٽون دمبالو(ن ع)ٺٽون دمبالو جي ٽالپر واري سماجي شخصيت مرحوم آغا الله ڏنو دراني جي ياد ۾ دراني فيملي جي اهتمام هيٺ هڪ ڏينهن جي اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ علائقي جي غريب، مسڪين ۽ ضرورت مند ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ...

دولتپور جي گوٺ ۾ انتظاميه پاران مٺي پاڻيءَ جا پلانٽ لڳائڻ جو سلسلو شروع

دولتپور صفن اعجاز ڏاهري ميڊيا سان ڳالهائيندي

اسري يونيورسٽيءَ جي چانسلر جي سنڌ يونيورسٽي جي وي سي سان ملاقات

تعليمي ۽ تحقيقي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ يونيورسٽيءَ سان پائيدار تعليمي ڀائيواري قائم ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪئي

ڄامشورو (پ ر) اسري اسلامي فائونڊيشن جي صدر ۽ سي اي او ۽ اسري يونيورسٽي حيدرآباد جي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ...

سنڌ جون حالتون ڇنڊ ئي پاسن کان خراب آهن،غلام رسول انڙ

حڪومت سنڌ ۾ اڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڌوهاري جو نٿي ختم ڪري

ڪرنڊر ڪسڃن پيا،ڪيترن مائرن جون جهوليون خالي ۽ رنين جا سهاڳ اجڙي ويا



سڪرنڊ غلام رسول انڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي

وڏي منشي سومر ڪيريو جي پُٽن پهريان ڳاڏي کي ٽڪر

هٺيو:دائم پنهور

دولتپور گوڙهو انتظاميه پاران ... بالا رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي،الهڙايو سولنگي

فيلڊ اسسٽنٽ ڪليڪٽري ۽ سيڊارجا بالا رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي،الهڙايو سولنگي

اداڪاره نجمه ڪاوش آمريڪا ۾رهائش اختيار ڪري اداڪاري جا جوهر ڏيکاريندي

ڊي روبا سليم آمريڪا ۾ آئي ٽي شعبي ۾ماسٽرس جي ڊگري ڪئي آهي،نجمه ڪاوش

منهنجا ٻار آمريڪا ۾آهن،مستقبل ۾ ٽي سگهي ٿو ته آئون به هتي ئي شفٽ ٿي وڃان

سهراب سومرو ۽ ٻيا اداڪار ساٿي به آمريڪا ۾ رهن ٿا ۽ اهي تمام گهڻو پيرو آهن

ورجينيا اداڪاره نجمه ڪاوش

ٽنڊوغلام علي سرڪاري اسپتال ۾اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ٽنڊوغلام علي(ن ع)ٽنڊوغلام علي شهر جي سرڪاري اسپتال ۾ سماجي شخصيت مرحوم آغا الهڏنو خان دراني جي ياد ۾ ...

ڏيرولال صحافي جمن چوهاڻ تي ٿيل حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين پريس ڪلب ڏيرولال اسٽيشن اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري صحافين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي،عبدالغفور هنگورو

ڏيرولال صحافي جمن چوهاڻ تي ٿيل حملي خلاف قلم ڪٺي احتجاج ڪندي

مورو مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾پاڪستان چڇڙا اتحاد جو ڪنوينشن

برادريءَ جي ڪنوينشن جو مقصد هڪبئي کي ويجهو رکڻ آهي،هدايت الله چڇڙ

جيڪي برادريون آهن اهي به اسان جون آهن جن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهبو

مورو(ن ع)مورو ۾ پاڪستان چڇڙا اتحاد جي ڪنوينشن مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ ٿي گذريو جنهن کي صدارت چڇڙا اتحاد جي چيف سردار هدايت الله چڇڙو ڪئي مهمان خاص محمد يونس چڇڙي محمد اسماعيل ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 31 ڊسمبر 2025ع

ساليانہ ترقياتي پروگرام ۾ رڪارڊ سُستي!

وفاقي حڪومت جو ساليانا ترقياتي پروگرام (پي ايس ڊي پي) هميشہ وانگر هن سال بہ اميدن، اعلانن ۽ انگن اکرن جي وڏين دعوائن سان شروع ٿيو پر عملي ميدان ۾ اها تصوير وري بہ مايوس ڪندڙ نظر اچي ٿي. سرڪاري ڪاغذن جي جائزي موجب 2025-26 لاءِ تيار ڪيل وفاقي ترقياتي پروگرام نومبر تائين عملي شڪل اختيار ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. هڪ ٽريلين روپين کان وڌيڪ جي مجموعي بجيٽ مان رڳو 91.9 ارب رپيا خرچ ٿيڻ نہ رڳو انتظامي نااهليءَ جو ثبوت آهي پر رياستي ترجيحن تي بہ سوال اٿاري ٿو

ترقياتي بجيٽ جو بنيادي مقصد اهو هوندو آهي تہ عوام کي روزگار ملي، انفراسٽرڪچر بهتر ٿئي، سماجي سهولتون وڌن ۽ معيشت ۾ حرڪت پيدا ٿئي. پر جڏهن پنج مهينا گذرڻ باوجود پي ايس ڊي پي جو صرف 9.2 سيڪڙو خرچ ٿئي تہ پوءِ اها ڳالهہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ يا تہ منصوبا ڪاغذن تائين محدود آهن يا حڪومتي مشينري مڪمل طور تي مفلوج ٿي چڪي آهي. وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ جيڪي فنڊ جاري ڪيا ويا، انهن مان بہ رڳو 26.3 سيڪڙو استعمال ٿي سگهيا آهن. حڪومت جي ترجيحن تي نظر وجهجي تہ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو ئي پراڻو نمونو سامهون اچي ٿو شاهراهون ۽ بجليءَ جا شعبا، جيڪي سياسي طور تي حساس ۽ نمائشي نوعيت جا سمجهيا وڃن ٿا، انهن لاءِ تہ وڏي پيماني تي فنڊ جاري ڪيا ويا پر ڪارڪردگيءَ جي لحاظ کان اهي ئي شعبا سڀ کان وڌيڪ پوئتي رهيا. نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايڇ اي) پنهنجي ساليانې بجيٽ جو صرف 9 سيڪڙو خرچ ڪري سگهي، جڏهن تہ بجليءَ جو شعبو تہ رڳو 3 سيڪڙو خرچ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن اربين رپيا موجود هئا تہ پوءِ ڪم ڇو نہ ٿي سگهيو؟ ان جي ابتڙ اهي وزارتون ۽ ادارا جيڪي سماجي ترقي، سڌارن، انساني سرمايي ۽ بنيادي سهولتن سان لاڳاپيل آهن اهي تمام گهڻو پوئتي رهجي ويا آهن. پنج مهينن لاءِ 348.97 ارب رپين جي فنڊن جي منظوري هوندي بہ سماجي ۽ اصلاحاتي منصوبن ۾ اڳڀرائي نظر نٿي اچي. تعليم، صحت، پاڻي، صفائي ۽ انساني ترقيءَ جهڙا شعبا هميشہ وانگر نظرانداز ٿيندا رهيا آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو تہ ترقيءَ جو تصور رڳو روڊن ۽ پلين تائين محدود ٿي وڃي ٿو

اصل مسئلو فنڊن جي کوٽ نہ آهي، جيئن گهڻو ڪري حڪمران بيان ڏيندا آهن. پر منصوبابندي، عملدرآمد ۽ ادارن جي صلاحيت جو بحران آهي. هڪ طرف مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي دٻاءُ عوام کي چيپاٽي رهيو آهي. ٻي طرف ترقياتي بجيٽ جو استعمال نہ ٿيڻ معيشت کي وڌيڪ جمود طرف ڌڪي رهيو آهي. جڏهن حڪومت خرچ ڪرڻ جي صلاحيت ئي نٿي رکي تہ پوءِ وڏي بجيٽ پيش ڪرڻ جو فائدو ڪهڙو؟ پي ايس ڊي پي جي هن سست رفتاريءَ جا اثر رڳو انگن اکرن تائين محدود ناهن. هر اڌورو منصوبو هر دير جو شڪار اسڪيم، عوام جي زندگيءَ ۾ تڪليف وڌائي ٿي. نيون شاهراهون نہ ٺهڻ، توانائيءَ جا منصوبا وقت سر مڪمل نہ ٿيڻ ۽ سماجي شعبن ۾ سيڙپڪاري نہ ٿيڻ سڀ گڏجي رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ اعتماد جي کوٽ کي وڌائين ٿا. خاص طور تي جڏهن بجلي جهڙو اهم شعبو جنهن سان صنعت، روزگار ۽ مهانگائي سڌيءَ ريت جڙيل آهي، صرف 3 سيڪڙو خرچ ڪري تہ اهو هڪ خطرناڪ اشارو آهي. اهو بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ترقياتي بجيٽ سياسي اعلانن لاءِ تہ ڪم اچي ٿي، پر عملي طور تي ان جو اثر تڏهن پوي ٿو جڏهن منصوبا وقت سر ۽ ايمانداريءَ سان مڪمل ٿين. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ترقياتي پروگرام اڪثر ڪري يا تہ سال جي آخر ۾ اوچتو خرچ ڪيا ويندا آهن يا وري ايندڙ سالن تائين لٽڪندا رهندا آهن. نتيجي ۾ نہ معيار برقرار رهي ٿو نہ ئي عوام کي ڪو حقيقي فائدو ملي ٿو. ٿهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ وفاقي حڪومت رڳو فنڊ جاري ڪرڻ تي اڪتفا نہ ڪري، پر ادارن جي ڪارڪردگي، منصوبابنديءَ جي صلاحيت ۽ عملدرآمد جي نگرانيءَ کي بہ سنجيدگي سان ڏسي. شفافيت، احتساب ۽ ترجيحن جي ٻيهر تعين کان سواءِ پي ايس ڊي پي جهڙا پروگرام هميشہ ڪاغذن ۾ ئي قائل رهندا. جيڪڏهن ترقيءَ کي واقعي قومي ترجيح بڻائڻو آهي تہ پوءِ سياسي نمائش بدران عوامي ضرورتن کي مرڪز ۾ آڻڻو پوندو ٻي صورت ۾ هر سال وانگر ايندڙ بجيٽ بہ صرف انگن جو هڪ ٻيو ڪتاب ثابت ٿيندي.

پيا 'پي آءِ اي' جي پرواز!



شاهد حسين بخاري

پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين (پي آءِ اي) کي پنهنجي نالي جي مخفف (PIA) سبب شروعاتي دور ۾، خاص طور نوجوانن جي حلقن ۾ محبت سان "پيا" سڏيو ويندو هو. ڪجهہ ڪرائي تي ورتل جهازن سان ڪاروبار شروع ڪندڙ هن اداري ۾ نظم ۽ ضبط، عملي جي مهارت ۽ انتظاميا ۾ هوابازيءَ جي تجربي رکندڙ ماڻهن جي موجودگيءَ سبب ٿوري ئي عرصي ۾ ان جي ساک ايتري وڌي وئي جو ان جو شمار عالمي سطح جي ٽن بهترين هوائي ڪمپنين ۾ ٿيڻ لڳو پر پوءِ سياسي مداخلتن ۽ غلط فيصلا سازين هن اداري کي اهڙي حالت ۾ پهچايو جو پاڪستان جي هڪ وزيراعظم بہ پي آءِ اي کي قومي معيشت تي بار قرار ڏيندو رهيو، جڏهن تہ عالمي مالياتي فنڊ (IMF) جي شرطن ۾ بہ ان جي نجڪاريءَ تي خاص زور ڏنو ويو. سومر 23 ڊسمبر 2025ع تي اسلام آباد جي هڪ هوٽل ۾ شفاف نيلامي ذريعي هن اداري جي نئين اڏام لاءِ جڏهن زمين هموار ٿيڻ شروع ٿي، سخت مقابلي کان پوءِ عارف حبيب ڪنسورشيم قومي ايئر لائين جا 75 سيڪڙو شيئرز 135 ارب رپين ۾ خريد ڪري ورتا، جنهن سان ايئر لائين جي مجموعي ماليت '180 ارب رپيا' مقرر ٿي. هن وقت پي آءِ اي وٽ 40 جهازن جو ٻيڙو آهي، جن مان صرف 18 جهاز ڪارآمد آهن.

جيتوڻيڪ قومي فخر سمجهيل اثاثن جي وڪرو تي ڪو بہ خوش نٿو ٿئي پر جڏهن قومي معيشت کي بحرانن مان ڪڍڻ جو وڏو چيلينج سامهون هجي ۽ ڪنهن قومي معيشت تي اداري جو بار ڪيترن ئي سالن کان ساليانې '50 ارب رپيا' هجي، تڏهن وزيراعظم شهباز شريف جو اهو موقف ڪيترن ئي حوالن سان درست نظر اچي ٿو تہ "بولي جيڪا بہ ڪنسورشيم کٽي، حقيقي ڪاميابي پاڪستان جي آهي."

هن نيلاميءَ جو اهم پاسو اهو بہ رهيو تہ ان ۾ ملڪي خريدارن جي دلچسپي نمايان نظر آئي. ياد رهي تہ گذريل سال آڪٽوبر ۾ بہ پي آءِ اي جي وڪري لاءِ بولي لڳائي وئي هئي، جنهن ۾ قومي فخر جي علامت سمجهيل اداري لاءِ هڪ ڪمپني رڳو '10 ارب رپين' جي بولي لڳائي هئي، جڏهن تہ حڪومت گهٽ ۾ گهٽ قيمت '85 ارب رپيا' مقرر ڪئي هئي. ان وقت گهٽ بولي لڳڻ جا وڏا سبب پي آءِ اي تي لاڳو ٿيندڙ قرض، جي ايس ٽي ۾ اضافو ۽ يورپ توڙي آمريڪا جا رُوٽ بند هجڻ هئا.

هاڻي جڏهن حڪومت جي ايس ٽي ختم ڪري ڇڏيو آهي، پي آءِ اي قرضن جي بار کان آزاد ٿي چڪي آهي ۽ مغربي ملڪن جي هوائن ۾ پاڪستاني ايئر لائينز جي پروازن تي پابندي بہ ختم ٿي چڪي آهي، تڏهن ملڪي سيڙپڪارن جي دلچسپي واضح طور نظر آئي آهي. حڪومت جو مقصد رڳو پي آءِ اي وڪڻي جان ڇڏائڻ نہ پر هن اداري کي زبون حالي مان ڪڍي ان جي ماضيءَ جي عظمت بحال ڪرڻ آهي.

موجوده حالتن ۾ اها ڳالهہ خاص طور اطمينان جوڳي آهي تہ اها ڪمپني پاڪستانين جي هٿن ۾ رهندي ۽ جنهن ادارن جي ان جي انتظام ۽ سنڀال ۾ شموليت جو امڪان آهي، اهي پنهنجي سٺي ساک لاءِ سڃاتا وڃن ٿا. معروف واپاري شخصيت عارف حبيب هن ڊيل کي پاڪستان جي فتح قرار ڏئي، پاڪستانين جي اُن فخر کي تسڪين ڏني آهي، جيڪو هو هن اداري جي شاندار ماضيءَ سان وابستہ رکن ٿا ۽ مستقبل بابت بہ جنهن جون اميدون قائم آهن.

هتي پاسي پاڪستان جي مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ دلچسپي رکندڙ ملڪن ۽ انهن جي واپاري ادارن بہ پي آءِ اي جي نجڪاريءَ بابت ماضيءَ جي ناڪامين ۽ موجوده ڪاميابيءَ کي ڏسندي مستقبل جي سودن جا امڪان ڳڻڻ شروع ڪري آهن. اسان وٽ اهڙن ادارن جي هڪ ڊگهي فهرست موجود آهي، جن جي نجڪاري اڃا ٿيڻ باقي آهي. انهن ۾ جيڪڏهن ملڪي سيڙپڪارن جي دلچسپي وڌندي تہ پرڏيهي سيڙپڪارن جي دلچسپي پاڻمرادو وڌيڪ ٿيندي ۽ جيڪي پرڏيهي سيڙپڪار ڪجهہ ايم او يوز تي اڃا حتمي فيصلا نٿا ڪري سگهن، انهن لاءِ بہ باقاعده معاهدن جا در کُلي سگهن ٿا.

عارف حبيب گروپ جي چيئرمين طرفان پي آءِ اي جا باقي رهيل شيئرز بہ خريد ڪرڻ جي خواهش ۽ ان ۾ فوجي فرٽيلائزر ڪنسورشيم يا ڪنهن ٻئي گروپ جي شموليت جا امڪان ظاهر ڪرڻ سان گڏ اهو بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ پي آءِ اي ۾ جهازن جو انگ وڌايو ويندو. سنڌن بيان موجب موجوده تجربيڪار عملي جي خدمتن مان ڀرپور فائدو وٺڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو. اهڙي ريت نجڪاريءَ سان موجوده ملازمن جا خدشا نہ رڳو ختم ٿي ويا آهن پر وڌيڪ روزگار پيدا ٿيڻ جا امڪان بہ وڌي ويا آهن. ويجهي مستقبل ۾ جن ادارن جي نجڪاري جو امڪان آهي، انهن ۾ اهڙين پارٽين کي ترجيح ڏيڻ گهرجي، جيڪي واقعي ڪاروبار جاري رکڻ ۾ سنجيده هجن. ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي تہ نيون پارٽيون ادارن جون ملڪيتون وڪڻي ڪاروبار بند ڪري پٺسو ڀي هنڌ نہ لڳائين. صنعتي ۽ واپاري ادارا جيڪڏهن سرڪاري مداخلت کان آزاد هلن ٿا تہ هو پنهنجي اثاثن جي حفاظت بہ بهتر نموني ڪندا.

دنيا جي ڪامياب معيشتن ۾ حڪومت پاليسين جو تسلسل قائم رکي ٿي ۽

2026ع پاڪستان لاءِ ڪيئن رهندو؟

محمد خان ابڙو

31 ڊسمبر 2025ع تي جڏهن هي ڪالم شايع ٿيندو ان وقت پاڪستان نئين سال جي شروعات لاءِ تياري ڪري رهيو هوندو ۽ سڄي دنيا ۾ اسان جو ڌيان مختلف چيلينجز ۽ موقعن طرف هوندو. هن وقت عالمي منظرنامو انتهائي تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي ۽ پاڪستان کي انهن تبديلين ۾ پنهنجي جاءِ محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ پُرعزم، سمجهداريءَ سان ڀريل ۽ حڪمتِ عمليءَ تي ٻڌل رستو اختيار ڪرڻو پوندو. اسان 2026ع ۾ اهو پاڪستان ڏسي رهيا آهيون، جيڪو هڪ طرف پنهنجي اندروني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي تہ ٻئي طرف عالمي سطح تي پنهنجي اهميت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ بہ جدوجهد ۾ مصروف آهي.

پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج اندروني سطح تي معاشي ترقي ۽ سماجي استحڪام ڏانهن اڳڀرائي ڪرڻ آهي. گذريل سالن دوران معاشي مشڪلاتن، عالمي اقتصادي بحرانن ۽ ملڪ اندر سياسي غير متوازن صورتحال پاڪستان جي ترقيءَ جي رفتار کي سُست ڪري ڇڏيو آهي. بهرحال گذريل سال 2025ع ۾ جيڪي قدم کنيا ويا آهن، تن مان اها اميد پيدا ٿي آهي تہ پاڪستان جي معيشت ۾ واڌ ويجهہ جو هڪ نئون دور شروع ٿيڻ وارو آهي. پاڪستان لاءِ هڪ ٻيو وڏو امتحان اهو آهي تہ معاشي ترقيءَ سان گڏ سياسي استحڪام کي ڪيئن برقرار رکيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ مضبوط سياسي نظام ڪانسواءِ ڪوبہ ملڪ ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وڌي نٿو سگهي. 2025ع دوران پاڪستان پنهنجي سياسي افق تي ڪيترائي نوان رُخ اختيار ڪيا آهن. سياسي پارٽين وچ ۾ وڌندڙ مفاهمت ۽ هم آهنگي جمهوري عمل کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ پاڪستان جي سياسي منظرنامي ۾ اڃا بہ ڪيترائي چيلينج موجود آهن.

ٻئي طرف عالمي سطح تي پاڪستان لاءِ هڪ ٻيو اهم موقعو ان جي جاگرافيائي حيثيت آهي. هن وقت دنيا ۾ جيڪي وڏا معاشي ۽ واپاري لاڳاپا ٺهي رهيا آهن، تن ۾ پاڪستان جي جاگرافيائي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. چين سان سي پيڪ منصوبي تحت معاشي لاڳاپن جي مضبوطي ۽ ڀارت سان لاڳاپن ۾ سڌارن جون ڪوششون پاڪستان لاءِ وڏيون ڪاميابيون ثابت ٿي سگهن ٿيون. خاص طور تي پاڪستان ۽ چين جي وڌندڙ ڀائيواري نہ رڳو معاشي ترقيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي پر ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪ مضبوط اسٽريٽيجڪ اتحاد بہ آهستي آهستي ٺهي رهيو آهي.

موجوده حڪومت عالمي سطح تي پاڪستان جي اثر ۽ رسوخ کي وڌائڻ لاءِ مختلف سفارتي قدم کنيا آهن. گڏيل قومن جي پليٽ فارم تي پاڪستان هميشہ انساني حقن ۽ عالمي انصاف جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ عالمي فورمن تي پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون جاري رکيون آهن.

ان کان علاوه پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ ۾ پنهنجي ڪردار کي اهميت ڏني آهي ۽ دنيا کي ڏيکاريو آهي تہ پاڪستان کي نہ رڳو هڪ اهڙي ملڪ جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو جيڪو دهشتگرديءَ جو شڪار آهي پر گهر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ پنهنجون ذميواريون پڻ پوريون ڪيون آهن. نئين سال 2026ع ۾ عالمي سطح تي جيڪي وڏيون تبديليون نظر اينديون، سي ماحوليات ۽ موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان هونديون.

پاڪستان، جيڪو موسمياتي تبديلي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن مان هڪ آهي، پنهنجي قومي مفاد ۾ هن مسئلي کي اولين ترجيح ڏني آهي. گلگت بلتستان کان وٺي سنڌ جي ساموندي علائقن تائين ملڪ جا مختلف حصا موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نيون حڪمتِ عمليون اختيار ڪري رهيا آهن. اهو عمل عالمي برادريءَ ۾ پاڪستان جي قيادت ڏانهن هڪ اهم قدم ثابت ٿي سگهي ٿو جنهن سان نہ رڳو ملڪ جي اندروني صورتحال ۾ بهتري ايندي پر عالمي سطح تي پاڪستان کي هڪ ماحول دوست ملڪ طور بہ سڃاڻپ ملندي.

هڪ ٻيو اهم پهلو جيڪو 2026ع ۾ پاڪستان لاءِ اهم هوندو اهو آهي، ان جي نوجوان نسل جي ترقي ۽ تعليم آهي. 2026ع ۾ پاڪستان لاءِ هڪ ٻيو اهم پاسو نوجوان نسل جي ترقي ۽ تعليم هوندو. نوجوان آباديءَ جي صلاحيتن کي سامهون آڻڻ لاءِ حڪومت کي وڌيڪ پروگرام متعارف ڪرائڻا پوندا. نوجوانن کي معياري تعليم، فني مهارتون ۽ روزگار جا موقعا مهيا ڪرڻ پاڪستان جي معاشي مستقبل جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي. هڪ مضبوط، خودمختيار ۽ ڪامياب پاڪستان جو خواب تڏهن ئي ساڀيان ماڻي سگهي ٿو جڏهن اسان پنهنجي نوجوان نسل کي عالمي سطح تي مقابلي جي لائق بڻايون ۽ انهن لاءِ بهتر موقعا پيدا ڪريون.

2026 ۾ پاڪستان لاءِ هڪ ٻيو اهم موقعو اهو هوندو تہ هو پنهنجي ثقافت ۽ تاريخ کي عالمي سطح تي اجاگر ڪري. هڪ طرف جتي عالمي گلوبلائيزيشن جو اثر دنيا ۾ وڌي رهيو آهي، ٻئي طرف مختلف ملڪ پنهنجي ثقافت ۽ تاريخ کي نئين انداز ۾ متعارف ڪرائي عالمي سطح تي پنهنجي سڃاڻپ ناهي رهيا آهن. پاڪستان وٽ شاندار ثقافتي ورثو، تاريخ ۽ قدرتي حُسن موجود آهي، جنهن کي عالمي سطح تي تسليم ڪرايو وڃي ٿو ملڪ کي گهرجي تہ هو پنهنجي ثقافت جي پرچار لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کڻي.

آخري ڳالهہ تہ 2026 ۾ پاڪستان کي پنهنجي اندروني معاملن ۽ عالمي لاڳاپن جي وچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي ضرورت پوندي. ساڳئي وقت اسان کي پنهنجي ماڻهن جي ڀلائي، امن ۽ سلامتي ۽ انصاف کي ترجيح ڏيڻ گهرجي تہ جيئن اسان هڪ ترقي يافتہ ۽ خوشحال پاڪستان ڏانهن وڌي سگهون. 2026 پاڪستان لاءِ تبديليءَ جو سال ثابت ٿيندو جتي اسان پنهنجن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هونداسين. اسان کي يقين رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اسان عالمي سطح تي پنهنجا پير مضبوط ڪنداسين تہ پوءِ اندروني مشڪلاتن کي منهن ڏيندي بہ اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿينداسين.

افغانستان جي صورتحال ۽ خطي ۾ وڌي ويل دهشتگردي!



اعجاز ممنائي

آمريڪا سميت پوري دنيا چئي ٿي تہ افغانستان دهشتگردن جو ڳڙهہ آهي پر نائين اليون ڪانپوءِ سڄي صورتحال واضح ٿي وئي تہ اسامہ بن لادن کان وٺي ٻيا ڪيترائي دهشتگرد افغانستان ۾ پلجڻ لڳا. دهشتگردن جو سرپرست سڏجندڙ انهن ساڳين دهشتگردن سان جنگ بہ جوٽي وري وقت گذرندي ڪين حڪومت ڏئي پاڻ افغانستان مان نڪري هليو ويو ۽ جيو تہ هاڻي افغانستان ۾ اهڙي حڪومت قائم ٿي چڪي آهي، جيڪا اسانجي اشاري تي هلندي رهندي. سڄي دنيا ڏٺو تہ آمريڪا جي سرپرستيءَ ۾ سڀ ڪجهہ ٿيندو رهيو. افغانستان ۾ طالبان جي حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ عالمي اُميدون هيون تہ طالبان پنهنجي واعدن موجب افغانستان کي دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪندا. بهرحال تازيون رپورٽون ۽ سرحدي حملا ظاهر ڪن ٿا تہ طالبان حڪومت عالمي معاهدن ۽ پنهنجن واعدن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ افغان سرزمين اڃا تائين دهشتگردن لاءِ محفوظ پناهگاهہ بڻجي چڪو آهي. تازو افغانستان مان حملو ڪندڙ دهشتگردن هڪ تاجڪ سرحدي پوسٽ کي نشانو بڻايو جنهن ۾ بہ تاجڪ سرحدي محافظ مارجي ويا. حملي ۾ افغان حملي آور پڻ مارجي ويا. جديد هٿيار ۽ نائيٽ ويزن ڊوائيسز پڻ هٿ ڪيون ويون. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي حملا نہ رڳو مقامي طور تي پر عالمي سطح تي پڻ سنگين هئا. حملي کان پوءِ تاجڪستان افغانستان تي سخت تنقيد ڪئي ۽ چيو تہ طالبان سرحدي استحڪام ۽ پاڙيسري ملڪن جي سيڪيورٽيءَ بابت پنهنجا واعدا پورا نہ ڪيا آهن ۽ افغانستان دهشتگردن لاءِ محفوظ پناهہ گاهہ بڻجي چڪو آهي. اهو پهريون واقعو ناهي، جنهن ۾ افغان سرزمين کان ٻين ملڪن تي حملا ڪيا ويا آهن. تاجڪستان تي حملو اصل ۾ افغانستان کان سرحد پار حملن جي هڪ سلسلي جو حصو آهي. ان کان اڳ افغان دهشتگردن پاڪستان ۾ بہ حملا ڪيا هئا ۽ انهن حملن جي جواب ۾، طالبان حڪومت کي سخت عالمي ردعمل ڏسڻو پيو. انهن حملن طالبان جي امن ۽ استحڪام جي دعوائن کي بي نقاب ڪيو آهي ۽ انهن جي عالمي واعدن جي اهميت بابت سوال اٿاريا ويا آهن. طالبان حڪومت 2021ع ۾ اقتدار سنڀاليو. اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ طالبان عالمي برادريءَ سان ڪيترائي واعدا ڪيا، جن ۾ افغان سرزمين کي دهشتگردن پاران استعمال ٿيڻ کان روڪڻ جو واعدو بہ شامل آهي. طالبان عالمي معاهدن ۽ گڏيل قومن جي قراردادن تي عمل ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو ۽ اشارو ڏنو تہ افغانستان اهڙو ملڪ نہ بڻجندو، جيڪو دهشتگردن کي پناهگاهہ فراهم ڪري. جڏهن تہ تازن سرحدي حملن ثابت ڪيو آهي تہ هُو انهن واعدن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. افغانستان ۾ دهشتگرد گروهہ نہ رڳو آزاديءَ سان ڪم ڪن ٿا پر افغان سرزمين تان سرحدي ملڪن، جهڙوڪ تاجڪستان ۽ پاڪستان تي حملن جي منصوبابندي ۽ عملدرآمد پڻ ڪن ٿا. طالبان جي حڪمرانيءَ هجڻ باوجود افغانستان جون سرحدون دهشتگرد گروهن لاءِ محفوظ پناهہ گاهہ رهيون آهن ۽ انهن گروهن لاءِ سرحد پار ڪارروايون عام ٿي چڪيون آهن. طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ عالمي سطح تي اهو سوال اٿاريو ويو هو تہ ڇا طالبان حڪومت عالمي معاهدن ۽ اصولن جي مطابق ڪم ڪندي؟ تاجڪستان جي سرحدي حملي ۽ افغانستان کان ٻين ملڪن تي حملن هن پريشانيءَ کي وڌيڪ وڌايو آهي. نہ رڳو پاڙيسري ملڪ پر عالمي برادري پڻ طالبان جي ان رويي تي سخت خدشن جو اظهار ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ عالمي طاقتون طالبان حڪومت تي دٻاءُ وجهي رهيون آهن تہ اها دهشتگردن خلاف سخت قدم کڻي ۽ افغان سرزمين کي دهشتگردن جي پناهگاهہ ٿيڻ نہ ڏئي.

پاڪستان ۽ تاجڪستان ٻئي افغان سرحد تي دهشتگرد حملن جو شڪار بڻجي رهيا آهن ۽ انهن حملن کان پوءِ طالبان خلاف سخت احتجاج ڪيو آهي. اهي حملا طالبان جي دعويٰ جي سچائيءَ کي ظاهر ڪن ٿا تہ اهي افغانستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪرڻ ۾ سنجيده آهن. عالمي سطح تي طالبان حڪومت جي ناڪامي افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام بابت عالمي خدشا پيدا ڪيا آهن. جڏهن کان طالبان اقتدار ۾ آيا تہ عالمي برادريءَ جون اميدون هيون تہ طالبان دهشتگردن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪندا ۽ افغانستان کي عالمي دهشتگرديءَ جي مرڪز طور ٻيهر اڀرڻ کان روڪيندا. پر افسوس جو ائين نہ ٿي سگهيو. جڏهن تہ طالبان جي حڪومت ۾ افغانستان ۾ اسٽريٽجڪ ۽ سيڪيورٽي مسئلا تيزيءَ سان پيچيده ٿي رهيا آهن. انهن جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ بہ وضاحت جو فقدان آهي. طالبان جي دهشتگرد گروپن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ گهٽتائي ۽ سرحدي سيڪيورٽيءَ تي ڌيان نہ ڏيڻ انهن جي حڪومت جي اعتبار کي متاثر ڪري رهيو آهي. طالبان افغان سرزمين کي دهشتگردن جي پناهگاهہ بڻائي پنهنجي عالمي واعدن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ان کان علاوه طالبان حڪومت جي ٻين ملڪن سان اسٽريٽجڪ لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي انهن جي پوزيشن کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. افغان حڪومت جي غير مستحڪم پوزيشن ۽ ان جي عالمي قدمن جي ناڪامي ان ڳالهہ جو اشارو آهي تہ طالبان کي عالمي لاڳاپن ۾ اعتماد جي کوٽ آهي.

2026ع ۾ اسان ڇا ڪنداسين؟

ڊاڪٽر حسين احمد پراچہ

اڄ شام جو اسين 2025ع کي الوداع چونداسين. مان سوچيندو آهيان تہ هر سال 31 ڊسمبر جي سياري واري ٿڌي رات تي سڄي دنيا ۾ جشن ڇو ملهايو ويندو آهي ۽ گهٽين، محلن ۽ عمارتن کي ڏيئن ۽ مرچين بلبن سان ڇو روشن ڪيو ويندو آهي؟ ڇا هي جشن گذريل سال جي ڪاميابين جي خوشيءَ ۾ هوندو آهي يا نئين سال سان وابستہ اميدن جي آجيان لاءِ؟ هن سال بہ ائين ئي ٿيندو. پر ٿورو ترسي، سوچڻ گهرجي تہ 2025ع ڌرتيءَ تي جيئڻ گذريو ڇا ان ۾ انسان يا مجموعي طور انسانيت کي ڪا ڪاميابي ملي يا ناڪامي؟ دنيا جا طاقتور ۽ فيصلا ڪندڙ 2026ع ۾ سموري انسانيت جي ڀلائي ۽ فلاح لاءِ ڪهڙي رٿابندي ڪري ويٺا آهن؟ وقت تہ وهندڙ سمنڊ وانگر آهي؛ ازل کان وهندو پيو اچي ۽ ابد تائين وهندو رهندو. انسان رڳو پنهنجي سهولت لاءِ وقت کي مهينن ۽ سالن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.

2025ع غزه ۾ فلسطينين جي نسل ڪشي ۽ يوڪرين ۾ جنگ جي شعلن سان گڏ خاص طور غريب ملڪن لاءِ انتهائي تباهہ ڪندڙ ثابت ٿيو آهي. جنگ، بک، موسمي تبديلي ۽ عالمي امداد ۾ سخت گهٽتائي انساني بحران کي خطرناڪ حد تائين وڌائي ڇڏيو آهي. هن وقت دنيا ۾ 61 جنگيون هلي رهيون آهن. سوڊان ۾ ڪيترن ئي سالن کان دنيا جو سڀ کان وڏو انساني الميو جاري آهي. گهرو ويڙهہ سبب ماڻهو معاشي بدحالي، بلڪ ڏڪار کي منهن ڏئي رهيا آهن. دنيا جي مختلف علائقن، خاص طور سوڊان ۾، جنگي حالتن سبب لکين ماڻهو پنهنجن گهرن ۽ روزگار کان محروم ٿي چڪا آهن. خوراڪ جي سخت کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. ڇهہ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارن کي ايتري خوراڪ بہ مشڪل سان ملي ٿي، جيڪا سندن جسم ۽ جان جو رشتو قائم رکي سگهي. عالمي خوراڪ پروگرام خبردار ڪيو آهي تہ 2026ع تائين 31 ڪروڙ 80 لک ماڻهو شديد غذائي بحران کي منهن ڏيندا. انسان پنهنجي بي تحاشا ترقيءَ جي باوجود هن ڌرتيءَ تي رهندڙن کي قتل و غارت کان بچائڻ ۽ جنگين جي تباهڪارين کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪا مؤثر تدبير اختيار نہ ڪري سگهيو آهي. مختصر اهو تہ انسان هن گلوبل وليج ۾ نہ تہ احترامِ آدميت کي قائم رکي سگهيو آهي ۽ نہ ئي پُرامن گڏيل بقا (peaceful coexistence) جو ڪلچر اختيار ڪري سگهيو آهي.

هن بدحاليءَ سان گڏ 2025ع ۾ هڪ مثبت پهلو بہ نظر آيو. هڪ پاسي اسرائيل پنهنجن جنگي جهازن ۽ ٽينڪن سان غزه ۾ تباهي مچائيندو رهيو ۽ آمريڪا سلامتي ڪائونسل ۾ امن بابت قراردادن کي ويٽو ڪندو رهيو تہ ٻئي پاسي عالمي ضمير غزه جي مظلوم فلسطينين سان يڪجهتيءَ لاءِ يورپ، آمريڪا، آسٽريليا، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ قبضو ڪندڙ ۽ ظالم اسرائيل خلاف لڳاتار احتجاجي آواز بلند ڪندو رهيو. ان مان ثابت ٿيو تہ حڪومتن جي سطح تي ڀلي احترامِ انسانيت نہ هجي پر عام ماڻهو ۽ اهلِ عقل و دانش اڃا بہ هڪ ٻئي لاءِ درد ۽ همدرديءَ جا جذبا رکن ٿا. علامہ اقبال چيو هو:

ہے دل کیلئے موت مشینوں کی حکومت
احساسِ مروت کو کچل دیتے ہیں آلات

هاڻي تہ دنيا مشينن جي حڪومت کان بہ اڳتي وڌي مصنوعي ذهانت تائين پهچي چڪي آهي پر اطمينان جي ڳالهہ اها ئي آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي: "دردِ دل جي واسطي پيدا ڪيو انسان کي." 2025ع اسان کي اهو سبق ڏنو آهي تہ دنياوي مشينون پنهنجي جاءِ تي پر احسن الخالقين جي مشين يعني انسان جي اندر گڏيل همدردي ۽ هڪ ٻئي جي ڪم اچڻ وارا جزا اڃا تائين ڪم ڪري رهيا آهن. مشينون انسان کي بي مروت نہ بڻائي سگهيون.

هاڻي گلوبل وليج مان پنهنجي "وليج" پاڪستان ڏانهن اچون تہ ڏسون 2025ع هتي ڪيئن گذريو. خارجي محاذ تي اسان کي شاندار ڪاميابي حاصل ٿي اسان هميشہ اهو سمجهندا رهياسين تہ ڀارت اسان کان ڪيترائي ڀيرا وڏو ملڪ آهي، ان وٽ روس ۽ آمريڪا پنهنجي کان ورتل هٿيار آهن. جديد ترين رافيل جهاز بہ آهن. پر جڏهن پهلگام واقعي کان پوءِ ڀارت هميشہ وانگر بنا سوچ ويچار پاڪستان تي الزام هڻي مئي ۾ پاڪستان جي اندر نون هنڌن تي حملا ڪيا ۽ ڪيترن معصوم ماڻهن جون جانيون ويون، تڏهن پاڪستان جديد ترين چيني ٽيڪنالاجي ۽ جهاز استعمال ڪندي ڀارت جا ست جهاز سنڌس ئي فضائن ۾ تباهہ ڪري ڇڏيا، جنهن تي سڄي دنيا حيران رهجي وئي. معرڪہِ حق ۾ پاڪستان جي فتح سان نہ رڳو دنيا ۾ پاڪستان جي عسڪري مهارت کي مڃيو ويو پر انهن وڏين طاقتن کي بہ مايوسي ٿي، جيڪي ڀارت کي چين خلاف تيار ڪري رهيون هيون. ڪين خبر پئجي وئي تہ جڏهن ڀارت، پاڪستان جو مقابلو نٿو ڪري سگهي تہ چين سان ڪيئن زور آزمائي ڪندو؟

گذريل هڪ ڏهاڪي کان پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا سخت سرد مهريءَ جو شڪار هئا. پر مئي جي معرڪہ حق کان پوءِ انهن ۾ ٻيهر گرمجوشي ڏسڻ ۾ آئي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جون آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان بي تڪلف ملاقاتون ٿيون. آمريڪي ڪمپنين پاڪستان ۾ معدنيات ۽ گئس جي شعبن ۾ سيڙپڪاري بہ ڪئي. گذريل سال دوران پاڪستان ۽ بنگلاديش جا پائيدار لاڳاپا بہ گهڻو مضبوط ٿيا. انهن ڪاميابين سان گڏ ڪجهہ ڳڻتيءَ وارا پهلو بہ موجود آهن. 2025ع ۾ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي. اسان جي اولهہ سرحد کي محفوظ سمجهيو ويندو هو پر هاڻي افغانستان سان لڳندڙ پنهنجي صوبن، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جا ناتا افغانستان سان ڳنڍيل نظر اچن ٿا. ترڪي، قطر ۽ سعودي عرب جهڙا وڏا مسلم ملڪ هن ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ ڪافي سرگرم آهن.

2025ع دوران معيشت ۾ ڪجهہ حد تائين استحڪام تہ آيو پر ڪا وڏي پرڏيهي سيڙپڪاري نہ اچي سگهي. ساڳي طرح وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي جن تي بہ ضابطو نہ آڻي سگهيو. اسين پنهنجي آمدنيءَ کان گهڻو وڌيڪ خرچ ڪريون ٿا، قرض وٺون ٿا، بي پناهہ قرض وٺون ٿا، پر "فاقہ مستي" کي مستقل بنيادن تي خوشحاليءَ ۾ بدلائڻ جي ڪا سنجيده ڪوشش نٿا ڪريون.

پنهنجي دور جي مقبول شاعره پروين شاڪر جي شاعريءَ ۾ دلڪشي، رعنائي ۽ گهرائيءَ جو سنگم هو. هوءَ چوندي آهي: "بچے ہمارے عہد کے چالاک ہو گئے." "جنريشن زي" جا ٻار واقعي چالاڪ ۽ سمجهدار آهن. اسان جي دورن ۾ پيدا ٿيندڙ نسلن کي مختلف نالا ڏنا ويا آهن. 1997ع کان 2012ع جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ ٻارن کي جنريشن زي چيو وڃي ٿو. هي نسل انتهائي ذهين سمجهيو وڃي ٿو ۽ سوشل ميڊيا تي بہ تمام گهڻو سرگرم آهي. 18 کان 25 ورهين جي عمر جا هي تعليم يافتہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون باعزت روزگار ۽ مناسب آمدنيءَ کي پنهنجو حق سمجهن ٿا. هيءَ نسل عدل، انصاف، بنيادي انساني حقن ۽ سماجي انصاف کي پنهنجو بنيادي حق قرار ڏئي ٿو ۽ جڏهن ڪين اهو حق نٿو ملي تہ انهن ۾ مايوسي پيدا ٿئي ٿي.

2026ع دوران اسان کي قوم جي حيثيت ۾ واضح هدف مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڏي عمر وارا ماڻهو نوجوانن جي جذبن ۽ احساسن کي سمجهڻ کان سواءِ تنقيد ڪرڻ بند ڪن. پر فيصلا سازيءَ ۾ انهن جي علم مان فائدو وٺن ۽ سندن مشورن کي مناسب اهميت ڏين. هر وزير لاءِ واضح هدف مقرر ڪيا وڃن تہ هو پنهنجي شعبي ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري. ٽنيو وڏو هر وزير ڀارت کي ڌمڪيون ڏيڻ ۾ لڳل آهي تہ تہ ڪيس پنهنجو ڪم اچي ٿو ۽ نہ ئي هو اهو ڪم ڪري ٿو.

2026ع جا هدف تہ مٿي بيان ٿي چڪا آهن، پر سوال اڃا بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ نئين سال ۾ اسين ڇا ڪنداسين؟ ان جو سادو جواب اهو آهي تہ اسين اهو ئي ڪنداسين، جيڪو گذريل 78 سالن کان ڪندا پيا اچون. ڇا اسين 2026ع ۾ پنهنجي مخالفن کي جمال احساني جي لفظن ۾ اهو پيغام ڏئي سگهون:

کسی بھی وقت بدل سکتا ہے لمحہ کوئی
اس قدر خوش بھی نہ ہو میری پریشانی پر

لطيفي لات ـــــ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَچا وَهُ اَڳِي ٿِيو؛
گهرِ ويٺيون گهٽا ڪريو، سَرَتيُون سَڱَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِنِي آن؛
هُوندَ نہ پَليو مان، گِهڙو سِپ گهڙا ڪٽِي.

(سُر سهڻي)

مشهور ولي الله حضرت گنبات فقير جي روحاني شخصيتن سان عقيدت!

(قسط پهرين)

ملان مکڻ ويجهو موجوده روهڙي ڪئنال ويجهو "گنبات فقير جا پٽ" نالي هڪ ڳوٺ جا ڪنڊرات موجود آهن. اهو ڳوٺ سومرن جي دور ۾ "مشهور ولي الله گنبات فقير" آباد ڪيو هو. ان وقت جو وڏو مالدار ماڻهو هو. ان دور ۾ جنهن ماڻهو وٽ جوپايو مال گهڻو هوندو هو ۽ گهوڙا هوندا هئا، اهو مالدار ماڻهو سڏيو ويندو هو. گنبات فقير جيڪو پهرين گنبات جي نالي سان مشهور هو وٽس مينهن، ڍڳين ۽ ٻڪرين جا ڌڻ هئڻ سان گڏ وڏي تعداد ۾ گهوڙن سان گڏ وڏي تعداد ۾ غوراب بہ هئا، جيڪي سنڌو درياهہ ۾ مختلف شهرن درميان اناج، جانور ۽ ٻئي سامان سان گڏ مسافر بہ ڪٽندا هئا. ان دور ۾ مخدوم بهاءُالدين ذڪريا جي درگاهہ سنڌ هند ۾ مشهور هئي، جنهن جا سنڌ ۽ سرائيڪي پٽيءَ توڙي موجوده هندستان جي ان دور جي سنڌ سان، جنهن جو ڪافي حصو ورهاڱي بعد ڀارت ۾ هليو ويو اتي مريد وڏي تعداد ۾ هئا ۽ اڄ بہ آهن. گنبات واري علائقي ۾ بہ غوثيا جماعت جا مريد هئا. ان دور ۾ سرندي وارا مريد اٺن ۽ گهوڙن تي ملتان ويندا هئا. غريب پيادل ويندا هئا اڄ بہ غوثيا جماعت جا ڪافي ماڻهو عقيدت وچان سنڌ مان پيرين پنڌ حضرت بهاءُالدين ذڪريا جي عرس مبارڪ تي ويندا آهن. گنبات فقير کي هڪ دفعي ڪيس خاندان سان گڏ حضرت بهاءُالدين ذڪريا جي عرس مبارڪ تي وڃڻ جو خيال ٿيو ۽ پاڻ اُٺن تي سفر ڪري ملتان پهتو. ان وقت غوثيا جماعت جو گادي نشين حضرت بهاءُالدين ذڪريا جو پوٽو حضرت رڪن عالم گادي نشين هو.

ڪڇهري ٻڌندي فقيري رنگ ۾ رڱجي ويا. پاڻ شاهہ رڪن عالم جي اجازت سان حضرت بهاءُالدين ذڪريا جي مزار تي ۽ ملتان پرسان هڪ جهنگ ۾ چلا ڪڍيا ۽ بعد ۾ ڳوٺ ڇڏي ملتان ۾ مرشد جي مزار تي خادم بڻجي خدمت ڪرڻ لڳا. بعد ۾ شاهہ رڪن عالم ڪيس غوثيا جماعت جو خليفو مقرر ڪيو ۽ ڪيس واپس ڳوٺ وڃي روحاني فيض سان ماڻهن کي حضرت بهاءُالدين ذڪريا جو مريد ڪرڻ لاءِ ۽ ڪين عرس مبارڪ تي ملتان اچڻ جو حڪم ڏنو. ان بعد پاڻ جيئن واپس آيو تہ مال متاع پنهنجي پٽن ۽ ٻيلي جي حوالي ڪري فقيري اختيار ڪيائين. ۽ پاڻ مختلف علائقن ۾ وڃي ماڻهن کي غوثيا جماعت جو مريد ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ جهنگ ۾ ويهي چلا ڪڍڻ لڳو. گنبات فقير جي حوالي سان روايتون آهن تہ صاحب ڪرامت هو سنڌس دعائون وڏي اثر واريون هيون. سنڌس لاڏاڻو ڪڏهن ٿيو يا سنڌس جنم ڪڏهن ٿيو. ان حوالسي سان تاريخ ۾ تمام گهٽ ڄاڻ يا ائين ڪٽي جڻجي تہ نہ هئڻ جي برابر ڄاڻ آهي. سنڌس آخري آرام گاهہ لاءِ بہ مختلف روايتون آهن. هڪ روايت موجب پاڻ ملتان ۾ لاڏاڻو ڪيو ۽ سنڌس آخري آرام گاهہ حضرت بهاءُالدين ذڪريا جي مزار واري احياطي ۾ دفن ٿيل آهي. هڪ روايت اها بہ آهي تہ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جيڪو سنڌس نالي سان مشهور هو اتي لاڏاڻو ڪيو ۽ سنڌس آرام گاهہ سنڌس ڳوٺ ۾ ٿي آهي پر اتي سنڌس قبر نہ آهي. ممڪن آهي



نور سنڌي

علائقن ۾ پکڙجڻ لڳي ۽ ڪيترن ئي علائقن مان ماڻهو وٽس اچي ذڪروني مريد ٿيڻ لڳا ۽ گنبات فقير دوئم بہ متاثر ٿي، حضرت مخدوم سرور نوح رح جي وصال کان ڪجهہ سال اڳ سنڌس بعيت ڪري سنڌس مريد ٿيو جڏهن تہ سنڌس ٻيو خاندان غوثيا جماعت سان وابسطا رهيو. گنبات دوئم وقت بہ وقت حضرت مخدوم سرور نوح رح جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هو ۽ سنڌن لاءِ مختلف تحفا کڻي ويندا هئا. گنبات فقير دوئم جي لاڏاڻي بعد سنڌس اولاد بہ سروري جماعت سان وابسطا رهندا آيا ۽ 70 سيڪڙو ٽاڊان وارا اڄ بہ سروري جماعت جا مريد آهن. سنڌس اولاد مان مجنو خان ميربحر ۽ الله جڙيو ميربحر اول ۽ ان خاندان جا ڪجهہ فرد ضلعي متياريءَ جي ڳوٺ وسي ڪجهہ ڪبير ڪجهہ مانجهند ڪجهہ جام نواز عليءَ واري علائقي ۾ ڪجهہ ملان مکڻ واري علائقي ۾ ڪجهہ ڳوٺ صاحب خان نظاماڻيءَ ۾ ڪجهہ وري ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌو درياهہ جي ڦاٽ لوهاڻو جي ڪنڌيءَ تي موجود آهي. ڪي موجودهہ جمان ڳوٺ ۾ اچي ويٺا. مائي جمان ميربحر جنهن جي نالي تي ڳوٺ جمان يونين ڪائونسل ملدسي تعلقا شهدادپور ۾ آهي ۽ جمان نالي تي ديهہ ۽ ٽپو بہ

شهدادپور کان 9 ڪلوميٽر اولهہ طرف لوهاڻو درياهہ جي ڪنڌيءَ تي آباد آهي، جنهن جي ڏکڻ کان روهڙي ڪئنال وهي ٿو. بعد ۾ وهان نڪري وئي ۽ ملدسي سڏجڻ لڳو جيڪو هاڻ ڳوٺ مان ننڍڙو شهر بڻجي ويو آهي. مائيءَ جمان بعد ملهہ دودو مشائخ سان شادي ڪئين. ملدسي ۽ ڳوٺ لال خان جلالاڻيءَ جي وچ تي دودو مشائخ نالي ننڍڙو قبرستان آهي. جتي دودو مشائخ ۽ مائي جمان جون قبرون آهن. جتي ماضيءَ ۾ ٻيون بہ قبرون هيون پر هاڻ اهي ڊهي ويون آهن. باقي دودو مشائخ ۽ مائي جمان جون قبرون آهن. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي واهہ کوٽايا ويا. ماضيءَ ۾ سنڌ ۾ آبپاشيءَ جا 3 طريقا هوندا هئا: چرخي، موڪي ۽ بوسي. پهرئين طريقي کي "جاڙهيءَ واري آبپاشي" سڏيو ويندو هو جو تہ هن طريقي ۾ هرلي يا نار ذريعي پاڻي مٿي ڪٽي زمين ڏانهن نيڻو پوندو هو. جيڪڏهن زمين هيٺاهينءَ ڏانهن هوندي هئي ۽ ڪنهنشاخ مان پاڻي زمين ڏانهن وهي سگهندو هو تہ انهيءَ سرشتي کي "موڪي" يا "وهڪري واري آبپاشي" سڏيو ويندو هو. جڏهن واهہ ۾ پاڻيءَ جي سطح اوچي هوندي هئي تہ قدرتي طرح هيٺ ٻنيءَ ۾ پاڻي پهچي سگهندو هو. آبڪلاڻيءَ جي منڊ جهڪي ٿيندي ٿي هاريءَ کي هَرلو يا نار ڪتب آڻڻو پوندو هو. ان طريقي کي "چرخي" سڏيو ويندو هو. ٽئين طريقي کي "بوسي" سڏيو هو اهو طريقو خشڪ فصلن، خاص ڪري ڪڻڪ ۽ دالين جي فصلن اپائڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. پوڙن جي وقت ۾ ٻنيون ٻارا سڀ پاڻيءَ سان تار ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن پوڙ هٽي ويندي هئي تہ اڌ سڪل وٽائي زمين کي

بقايا 1 | ٻه ڄڻا فوت

ٽرالي وچ ٽڪر جي نتيجي ۾ ڏورونارو واسي ٻه نوجوان زوهيب نيازي ۽ مير مرتضي راڄڙ فوت ٿي ويا اطلاع تي عمرڪوٽ پوليس پهچي سندن لاش عمرڪوٽ اسپتال پهچايا جڏهن ته فوتين جا وارث ۽ دوست به اسپتال پهچي ويا ماحول سوڳوار ٿي ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو فوتي نوجوان مرتضي راڄڙ پي پي اڳواڻ مير ممتاز راڄڙ جو پٽ هو

بقايا 2 | واپس سکر روانو

پهتو هو جتي هن ضلعي گهوٽڪي ۽ سکر جي مقامي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون، جن ۾ بيرسٽر ارسلان شيخ، صوبائي وزير ناصر حسين شاهه، اڳوڻو ايم پي اي شهريار خان شر بابر لنڊ، اميت شداڻي سميت ٻيا شامل هئا. دوري دوران بلاول ڀٽو زرداري گڏيل عرب امارات جي وزير شيخ النهيان بن مبارڪ سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ سندس ڏنل دعوت ۾ شرڪت ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري رات مهر هائوس سردار ڳڙهه ۾ صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي رهائشگاهه تي گذاري، جتي سياسي توڙي علائقي جي معاملن بابت غير رسمي ڳالهيون ڪيون ويون. بعد ۾ بلاول ڀٽو زرداري خانڳڙهه مان نجي دورو پورو ڪري ٻاءِ روڊ سکر روانو ٿي ويو..

بقايا 3 | لاش هٿ آيو

هڪ شخص جو لاش مليو. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي، لاش کي قبضي ۾ وٺي چيپا ايمبولينس ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. مقتول جي سڃاڻپ 40 سالن جي خان افضل ولد جهانزيب خان جي نالي سان ڪئي وئي آهي. هن چيو ته شروعاتي طور تي موت قدرتي لڳي رهي آهي. مقتول منگهو پير جي سلطان آباد جو رهواسي آهي. هن چيو ته شروعاتي رپورٽن موجب مقتول ٻن مهينن کان هتي سيڪيورٽي ڊيوٽي تي هو. هو ڪجهه ڏينهن کان بيمار هو پر ٻه ڏينهن اڳ ڊيوٽي تي آيو هو. هو رات دير سان بيماري سبب فوت ٿيو يا اوچتو ڪري پيو ۽ زخمي ٿيو. موت جو سبب پوسٽ مارٽم کان پوءِ معلوم ٿيندو. پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 4 | 2 ڄڻا فوت

وين ۽ ٽرالر جي وچ ۾ پيش آيو. گڏاپ سٽي هيڊ محرر غلام عمير چيو ته گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد ۾ ڪراچي- حيدرآباد روڊ تي ڪاٺور پل ملڪ اقبال هوٽل جي ويجهو ايم- 9 موٽر وي تي تيز رفتار وين ۽ ٽرالر جي وچ ۾ ٽڪر ٿيو حادثي ۾ هڪ ڇوڪري سميت ٻه ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ پنج زخمي ٿيا. فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ 9 سالن جي ناهيد ڌي محمد نويد ۽ 55 سالن جي خليل احمد ولد فرحان احمد جي طور تي ٿي آهي، جڏهن ته زخمين ۾ 7 سال جي نوشين ڌي محمد نويد، 20 سالن جو حسن پٽ غلام مصطفيٰ، 55 سالن جو محمد دائود پٽ تاج محمد، 7 سالن جي مريم ڌي محمد احمد ۽ 26 سالن جي عنبرين زال عادل اعوان شامل آهن. نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس سائوٿ زون ڪراچي جي ترجمان موجب موٽر وي ايم- 9 تي ڪاٺوڙ ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ هاءِ ايس وين هڪ ٽريلر کي پوئيان کان ٽڪرائجي وئي. حادثو وين ڊرائيور جي لاپرواهي سبب پيش آيو. حادثي ۾ زخمين کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. حادثي کان پوءِ ٻنهي گاڏين جا ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويا. موٽر وي پوليس بروقت ڪاروائي ڪندي گاڏين کي روڊ تان هٽائي ٽريفڪ بحال ڪئي.

بقايا 5 | زيورن جي چوري

چوري جي واردات ٿي آهي جنهن ۾ سونا زيور چوري ڪرڻ جي بعد اسان جي نندڻي ڀاءُ ، اسان جي ڀاڻيجي ۽ معصوم نياڻي پائيٽي گهر ۾ موجود هجڻ تي گهر اندر پچ ڏاهر ڪري گهر مان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ پنهنجو پاڻ کي مٽي ۾ زخم رسائڻ لاءِ مٿا ديوار کي هٽي آساني سان رڙيون ڪري گهر مان ٻاهر نڪري ويون ، جنهن جو اسان جي ڀاءُ پوليس کي اطلاع ڪيو ۾ اسان جي ڀاءُ جي ڏانهن ڪرڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي ڪري نه سگهي آهي ، جنهن بابت اسان لکت ۾ مسمات آمنہ ڌيءُ رفيق ابڙو ۽ مسمات مهتاب ڌيءُ رفيق ابڙو جي خلاف پوليس وٽ درخواست ڪئي آهي ته واقعي جي جاچ ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي . اسان جي گهر اندر داخل ٿي گهر مان چوري ڪرڻ ڪاٿپوءِ وري اسان تي زخمي ڪرڻ جو الزام لڳايو وڃي پيو جنهن جي ڪري چوري ۾ ملوث عورتن جي فوري طور گرفتاري عمل ۾ آندي وڃي ته جيئن اصل حقيقت ظاهر ٿي سگهي ته چوري ۾ ملوث عورتون اسان کي جاني نقصان رسائڻ لاءِ گهر اندر داخل ٿيون هيون . پريس ڪانفرنس ذريعي آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان پڻ واقعي جو نوٽيس وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي .

بقايا 6 | ٻڪري مري ويون

وئي ويٽرنري ڊاڪٽرن پاران مئل ٻڪرين ۽ رڍن جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو ڪجهه مئل ٻڪرين ۽ رڍن کي وڍي انهن مان مئل ڦڦڙا پڻ ڪڍيا ويا ان موقعي تي لائيو اسٽاڪ کاتي ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اجي ڪمار موجب ته ٻڪرين ۽ رڍن کي چڪاس ڪرڻ بعد ظاهر آهي ته ٻڪرين ۽ رڍن جي موت جو ڪارڻ زهر آهي اسان اتان جاٿايل ڪڍي مان پاڻي پڻ کنيو آهي وڌيڪ سڄي معاملي کي گهرائي سان ڏٺو پيو وڃي جڏهن ته متاثر ٿيندڙ پاڳيٽي ابراهيم لنڊ موجب آئون ڳوڙن جي مرض ۾ مبتلا آهيان ڊائيلاسز تي آهيان مون مسڪين جي گذر سفر جو واحد ذريعو اهو ئي چوپايو مال هو جنهن سان ظالمن پاران ظلم ڪري منهنجي گذر سفر جو واحد ذريعو مونکان کسيو ويو آهي.متاثر پاڳيٽي ابراهيم لنڊ پاران انصاف جو مطالبو ڪيو ويو آهي هوڏانهن ڪلوئي پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سرزمين تي وياسين ڪجهه شاهديون هٿ ڪيون آهن جلد اهڙي ڪريل حرڪت ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو.

بقايا 7 | دورو

پي اين اي سي جي وفد ۾ چيئرمين شڪيل يامين ڪانگا، وائيس چيئرمين دارا ظفر ايڊيشنل سيڪريٽري جنرل رانا محمد يوسف، جوائنٽ سيڪريٽري سليم الله صديقي، خزانچي محمد عرفان علي ۽ ميمبر عبيدالله ۽ سيد صابر علي شامل هئا. اجلاس ۾ صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز کي درپيش اهم مسئلن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو، جن ۾ حفاظت ۽ تحفظ، اجرت جي ايوارڊ تي عملدرآمد، نوڪري جي حفاظت ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ ادارتي ميڪانيزم شامل آهن. سنڌ ڪميشن جي چيئرمين اعجاز احمد ميمڻ صحافين جي تحفظ ۽ لاڳاپيل قانونن ۽ تحفظن جي اثرائتي نفاذ لاءِ ڪميشن جي عزم کي ورجايو. هن اي پي اين اي سي ۽ ٻين لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز سان مسلسل رابطي ۽ تعاون جو يقين ڏياريو. چيو ته قانوني ۽ انتظامي قدمن ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ ميڊيا پريڪٽيشنرز لاءِ محفوظ ۽ سازگار ماحول کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪوششون جاري رهنديون.

بقايا 8 | 3 ڄڻا زخمي

جڏهن ته ڏاتهون ڪرڻ تي شهرين کين بچائي ورتو انصاف ڪيو وڃي

بقايا 9 | ڪنبڻ جو الزام

پر پوليس اسان جي پٽ دانش ڪريم شيخ جي گرفتاري شو نه ٿي ڪري جنهن کي پوليس ڪنهي گم ڪيو آهي پوليس پاران گرفتاري کان انڪاري ڪندي چيو ته اوهان جو ڇوڪرو اسان وٽ ناهي ، جنهن ڪاٿپوءِ اسان نيوفوجداري.ون فائيو ۽ اسٽورٽ گنج ٿاڻي تي ڳولا ڪئي آهي پر پوليس گرفتاري ظاهر نه ٿي ڪري هن چيو ته جيڪڏهن منهنجي پٽ ڪو ڏوهه ڪيو آهي.ته ان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي.هن آءِ جي سنڌ.ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو.ايس ايس پي شڪارپور سميت وس وارن کان گهر ڪئي ته خدارا پٽ جي گرفتاري ظاهر ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 10 | ٽي ڄڻا زخمي

حالت تشويشناڪ ٻڌائي پئي ۽ مختيار ڪلهوڙو ۽ وسيم کي معمولي زخمي ٻڌايا پيا وڃن ڪار کي ڪافي نقصان پهتو پمپ مالڪن ڪار مالڪ پڪڙي ورتو آهي

بقايا 11 | بلامقابلو ڪامياب

چونڊيا ويا، جڏهن ته سکر يونين آف جرنلسٽس جو صدر جاويد جتوئي ۽ جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ به بلامقابلو چونڊيا ويا. جهانزيب وسير سکر يونين آف جرنلسٽس جو جوائنٽ سيڪريٽري بلامقابلو چونڊيو ويو. سکر ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن جو صدر انس گهاناگهرو ۽ جنرل سيڪريٽري مورڙو مهر به بلامقابلو چونڊيا ويا. سحرش ڪوڪر سنڌ وومين جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر، جڏهن ته گل رخ ويراني سيڪريٽري جنرل بلامقابلو چونڊيون ويون. ان کان علاوه سيٽي لاڳاپيل ادارن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽين جا ميمبر پڻ جرنلسٽس پينل طرفان بلامقابلو چونڊيا ويا، جنهن کي صحافي برادري طرفان پينل تي مڪمل اعتماد جو اظهار قرار ڏنو پيو وڃي. ان موقعي تي جرنلسٽس پينل جي سربراهه لالا اسد پٺاڻ چيو ته بلامقابلو ڪاميابي صحافي برادري جي جرنلسٽس پينل تي غير متزلزل اعتماد جو ثبوت آهي. هن چيو ته نون چونڊيل عهديدارن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن صحافي برادري جي حقن جي تحفظ، عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ آزاديءِ اظهار جي فروغ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 12 | تعمير جو معائنو

چانڊيو محمد خان نائچ، رحمت الله لنڊ سان گڏ تعمير ٿيندڙ جاءِ تي پهچي ڪم جو معائنو ڪيو ان موقعي تي چيئرمين سيد محمد شاهه انجنيئر ۽ ٻئي عملي کي واضح ڪيو ته تعميراتي ڪم ۾ ڪنهن به ڪوتاهي ۽ ناقص مٽيريل جي استعمال جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي ڪنهن جي مداخلت برداشت نه ڪئي ويندي تعميراتي ڪم خلاف جائز شڪايت تي فوري طور تي ٺيڪيدار جا بل روڪيا ويندا. هن چيو ته هي جديد قسم جي شاپنگ سينٽر پيپلزپارٽي جي ماڻهن جي لاءِ هڪ تحفو هوندو جيڪو سنڌ جي ڪنهن به علائقي ۾ پهريون وڏو منصوبو آهي

بقايا 13 | تقريبون شروع

ميڊيا سان ڳالهائيندي تڪ جي ايم پي اي چيو ته درگاهن تي ميلا ملاکڙا سنڌ جي ثقافت کي هٿي ڏين ٿا ۽ من جون مرادون کڻي ايندڙ زائرين کي روحاني سڪون بخشين ٿا آئون به هرسال عرس مبارڪ جي موقع تي حاضري ڀريندو آهيان هن وڌيڪ چيو ته محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي ڪري گهوڙن جي ڊوڙ نه ٿي سگهي آهه هن مختلف سوالن جي جواب ۾ چيو ته ذوالفقار مرزا پنهنجي ماڻهن کان سوشل ميڊيا تي پ پ ۾ شامل ٿيڻ جون وقتن به وقتن خبرون هلرائيندو رهي ٿو پر پ پ کي سندس ضرورت نه آهي پ پ عوام جي وڏي خدمت ڪئي آهي روڊ رستا اسپتالون ڏنيون ۽ آبادگارن کي زرعي رليف پيڪيج ڏنو جنهن سان هن پيري ڪٽڪ جي پوکائي ممڪن بڻي آهي اهڙين خدمتن جي ڪري ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ وڏي ليڊ سان ڪامياب ٿيندي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ن ليگ جي حڪومت ۾ خاص ڪري زرعي جنسن کي اگهه نه ملندو آه جنهنڪري ڪمند جي آبادگارن کي اگهه نه پيو ملي ۽ ٻين فصلن کي به اگهه نه ملي رهيو آه ٻي پاسي درگاهه تي محفل درود پاڪ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ انجمن غلامان قلندر پاران هڪ ڪروڙ کان مٿي درود پاڪ جو تحفو نبي پاڪ جي خدمت ۾ پيش ڪري انجمن جي سربراهه ايڊوڪيٽ صلاح الدين پنهور دعا گهري محفل درودپاڪ ۾ وڏي انگ ۾ زائرين شريڪ ٿيا جڏهن ته ميلو چئن ڏينهن تائين جاري رهندو بازارون سجايون ويون آهن ميلي ۾ ٻيلهاڙو راند پڻ ٿيندي

بقايا 14 | ٽڪر ۾ فوت

اطلاع تي همدرد فري ايمبوليئنس سروس جي ريسڪيو ٽيم حادثي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايا جتي پوليس پاران جاچ ڪرڻ بعد فوتين جو تعلق نيو سعيدآباد جي ڳوٺ اول ڇچر جو ٻڌايو پيو وڃي جن جي سڃاڻپ سهيل ڪوڪر ، ڪالو ڪوڪر ۽ شرف الدين ولد حمزه ڪوڪر طور ڪئي وئي آهي اسپتال ۾ موجود موٽروي پوليس موجب نامعلوم گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته ٽڪر هڻندڙ ٽرالر يا ڪا ٻي گاڏي بابت جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن حادثي جو اطلاع ٻڌندي ئي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ اڳوڻو صوبائي وزير غلام رسول انڙ تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهتا جن واقعي تي افسوس جو اظهار ڪرڻ سميت اسپتال ۾ ڪا به بنيادي سهولت نه هئڻ تي پڻ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ٻئي پاسي همدرد فري ايمبوليئنس سروس جي ايم ڊي گل محمد رند جي هدايت تي جاري لاش فوتين جي ڳوٺ اول ڇچر سندن گهر پهچايا ويا ان افسوس ناڪ واقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ گل محمد رند واقعي کي نيشنل هاءِ وي هنڌان هنڌان ٽٽڻ ، وچ روڊ ۾ کڏا پوڻ ۽ چيلا ٿيڻ جو سبب ڄاڻايو آهي جڏهن ته انجنيئر احمد علي انصاري جو چوڻ آهي ته روڊ جي حالتن سبب واقعو حادثو نه پر قتل آهي جنهنجي ذميوار وفاقي سرڪار آهي هوڏانهن جڏهن هڪ ئي وقت چار لاش ڳوٺ اول ڇچر پهتا ته قيامت صغريٰ جو منظر هو گهرن ۾ روڄ راڙو ۽ ڳوٺ جي هر اک آلي هئي

بقايا 15 | تحفظ جو مطالبو

منهنجي شادي هنگورجا جي ڳوٺ بادل جوڻيجو جي رهواسي نوجوان امتياز جوڻيجو سان 3 مهينا اڳ ڪرائي هئي هن وقت مان پنهنجي مڙس امتياز سان خوش زندگي گذاري رهي آهيان چاچي منهنجو رشتو پاڻ ڪرايو هيوپر هاڻي وري امتياز جوڻيجو ڏار ڪرڻ لاءِ مون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي چاچو شوڪت لالچ ۾ اچي مون کي ٻي هنڌ وڪرو ڪرڻ چاهيو ٿو هن ٻڌايو ته مان پنهنجي مڙس سان خوش آهيان ڌمڪيون ڏيندڙ چاچي شوڪت مشوري کان تحفظ ڏياريو وڃي جڏهن نوجوان امتياز جوڻيجو جو چوڻ آهي منهنجي شادي نغما جوڻيجو سان سندس مائٽن جي مرضي سان ٿي آهي هن وقت اسان ڏار ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن هن تحفظ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 16 | رلائي ڇڏيو

کي ڏنو آهي پر اڃا تائين پيسن جا ميسيج ناهين آيا هتن چيو ته سنڌ بينڪ خيرپور، ڪنڊيارو ۾ ويٺل راشي ڪامورا پيسن جي اچڻ ميسيج متعلق ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهن احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته روزانو سوين ماڻهو سنڌ بينڪ وڃن ٿا پر سنڌ بينڪ وارن جو رويو ماڻهن سان صحيح نه آهي هتن چيو ته وزير اعلي سنڌ کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌ بينڪ جي آفيسرن جي رويي تي نظر رکي وڃي هتن چيو ته سنڌ جاماڻهن ڪلر ۽ بج جي چڪر ۾ رلي ويا آهن.

بقايا 17 | موٽر وي تي ڌرڻو

ٽريفڪ لاءِ بند ٿي وئي. پوليس 8 نوجوانن خلاف ميبنا پوليس مقابلي جو ڪيس داخل ڪيو جنهن سان برادري ۾ پريشاني ۽ غصي جي لهر پيدا ٿي وئي. نوجوانن تي ڪيس داخل ٿيڻ ۽ گرفتار نوجوان آزاد نه ٿيڻ خلاف ٻئي ڏينهن برادري جي ماڻهن هڪ ڀيرو ٻيهر نوري آباد پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ايم-9 موٽر وي کي بلاڪ ڪيو جنهن جي ڪري مسافرن ۽ ٽرانسپورٽرن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون. احتجاج ڪندڙن جو مطالبو ڪيو ته گمشاد خان پالاري سميت سيني گرفتار نوجوانن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي ۽ انن نوجوانن خلاف داخل ڪيل جعلي پوليس مقابلي جا ڪيس واپس ورتا وڃن. مظاهرين چيو ته ايس ايڇ او اياز ابڙو ڊي ايس پي غلام سرور آسڻو ۽ منشي افسر خان لاشاري پهرين پالاري برادري جي معزز شخصيتن جي مداخلت تي روڊ کولرايو پر بعد ۾ رات جو هڪ ميبنا جعلي پوليس مقابلي جي انڪشاف کان پوءِ انهن ماڻهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي آهي

بقايا 18 | راڳ جي محفل

ساگر ،عباس فقير نترچ، ۽ ٻيا راڳي راڳ ڳائيندا ميلي جي شروعات ذڪر سروري سماع ڍهر پڙهي روايتي مچ ٻاري ڪيو ويندو ان بعد درگاهه جو گادي نشين فقير محمد بخش ضامن حضرت منٺار فقير جي آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري ويندي ميلي ۾ شرڪت لاءِ وڏي تعداد ۾ باذوق راڳ ٻڌندڙ ماڻهن پهچندا.

بقايا 19 | ڪيس داخل

پوليس موجب ڪيس رجب ٻٽ جي وڪيل ٻئريسٽر علي اشفاق جي فرياد تي داخل ڪيو ويو آهي، ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 15 کان 20 سڃاڻپ وارن وڪيل رجب ٻٽ تي حملو ڪيو ۽ کيس تشدد جو نشانو بڻايو فرياد ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن رجب ٻٽ کان زبردستي سندس بيگ کسيو جنهن ۾ ٽي لک رپيا موجود هئا. بعد ۾ ايڊووڪيٽ رياض علي سولنگي بيگ واپس ڏياريو پر بيگ مان رقم غائب هئي. ڪيس ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته رجب ٻٽ کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن. پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي وئي آهي ۽ وڌيڪ ڪاروائي جاري آهي.

بقايا 20 | دڪا ڍاهي پٽ

سوڀوديرو پياس علي پتافي انڪروچمينٽ عملي ۽ پوليس کي ساڻ ڪري هنگورجا شهر جي پنجهٽي بازار، لکياري مارڪيٽ مچر چوڪ سميت مختلف بازارن ۾ حد دخلين جي خلاف آپريشن ڪري دوڪانن جي آڏو ڇپرا ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيا جڏهن شهر جي بازار ۾ بيٺل ريڙها پڻ هٽائي ڇڏيا آهن اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانگ ميڊيا کي ٻڌايو ته شهر ۾ انڪروچمينٽ وڌي وڃڻ ڪري شهرين کي تڪليف ٿي رهي هئي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جي هدايتن تي شهر ۾ آپريشن ڪري انڪروچمينٽ ختم ڪرائي آهي

بقايا 21 | سامان ضبط

ڪاروباري مرڪزن محمدي چوڪ ، چتري چوڪ ، ايم اي جناح روڊ ، لطيف گيٽ تي دڪاندارن ۽ واپارين پاران دڪانن آڏو قائم ڪيل غير قانوني ڇپرا ، دڪا ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيا جڏهن ته سامان پڻ ضبط ڪري ڇڏيو سرڪاري ريٽ مطابق روزمره جون شيون وڪرو نه ڪرڻ توڙي ريٽ لسٽون نمايان جاءِ تي نه لڳائڻ مضر صحت کير وڪرو ڪرڻ تي دڪاندارن تي هزارين روپيه ڏنڊ هنيو جيڪو موقعي تي وصول ڪيو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي چيو ته شهر ۾ غير قانوني حددخليون ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيون وينديون دڪاندارن کي بار بار هدايت ڪئي وئي ته پنهنجو سامان دڪانن جي اندر رکيو وڃي ان باوجود سامان ٻاهر رکڻ ڪري هڪ طرف ٽريفڪ ۾ خلل پئجي رهيو هو ته ٻئي طرف عوام کي سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو اهو آپريشن سڄي شهر ۾ جاري رهندو هن دڪاندارن کي هڪ دفعو ٻيهر تنبيهه ڪئي ته حددخلين کان پاسو ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي .

بقايا 22 | جاري ڪئي وئي

ڪيا جڏهن ت پوليس 270 قتل ڪيس جي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڪارو ڪاري ڪيسن جي 17 جوابدارن ۽ 565 سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ پوليس 15 ڪلاشنڪوف | 270 پسٽل 33 بندوقون 2113 گوليون هٿ ڪيون ويون جڏهن ت پوليس ڦر ٿيل 4 ٽريڪٽر 130 موٽرسائيڪلون 8 ڪارگو رڪشائون هٿ ڪرڻ سان گڏ پوليس ڦر ڪيل 160 مينهون ڇڏائي ورتيون پوليس 438 منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي قبضي مان 226 ڪلو چرس 945 ڪلو ڀنگ 1098 شراب جون بوتلون 75 ليٽر ڪچو شراب 206 گرام آئس 17 گرام هيروئن هٿ ڪيا.

بقايا 23 | پاس ڪيون ويون

ويو محترمه بينظير ڀٽو،شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي لاءِ ٻه ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي ۽ خراج تحسين پيش ڪيو ويو، اجلاس ۾ ميمبر امان الله چيو ته مرحوم آفتاب شعبان ميراڻي جيڪو واعدو ڪندو هيو ان کي نڀائيندو هيو ۽ اڳوڻي ايم پي اي آغا سراج احمد دراني ڪيترائي ڪم پنهنجي تڪ ۾ ڪرايا آهن ۽ ڪوڙ سارين نوڪريون پڻ ڏنيون آهن ۽ اهي گهر وارا مرحوم کي دعائون ڏين ٿا، ايوان ۾ آغا آصف چيو ته مرحوم آفتاب احمد ميراڻي شڪارپور جا پراڻا سياستدان هيا ۽ وفاقي وزير به رهي چڪا ۽ پنهنجي زندگي تمام شرافت سان گذاريائون ۽ مرحوم آغا سراج احمد دراني سياست ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو ۽ سنڌ اسمبلي جا اسپيڪر ٿي رهيا ۽ سيني ميمبرن گڏجي ٻنهي مرحومن کي ڀيٽا پيش ڪيو ، ان موقعي تي ميمبر امجد خان چيو ته شڪارپور ۾ جيڪا رت جي راند هلي ٿي اها بند ٿيڻ کپي ۽ شڪارپور ضلعي ۾ امن امان تمام خراب آهي، اجلاس دؤران 11-7-2025 تي گڏيل اجلاس جي ڪاروائي جي توثيق ڪئي وئي، ان کان علاوه ضلعي ڪائونسل ميمبر آغا آصف خان پٺاڻ پاران پيش ڪيل 7 تجويزون ۽ عبدالجبار جعفري پاران پيش ڪيل 5 تجويزن کي منظور ڪيون ويون، ان موقعي تي ميمبرن پاران مختلف عوامي مسئلن بابت سوال پڻ اٿاريا وڌيڪ ميمبرن ڳالهائيندي چيو ته عوامي ڀلائي خاطر شهر توڙي يوسين ۾ اسڪيمون فراهم ڪيون وڃن ، اجلاس ۾ ميمبر امتياز علي خان ڪماريو پاران شڪارپور شهر جي عوامي مسئلن بابت پيش ڪيل تجويز تي پڻ غور ڪيو ويو اجوڪي اجلاس ۾ ضلعي وائيس چيئرمين ڪامران خان مهر ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو ،ضلعي ميمبر،يوسي چيئرمين ، ۽يوسي ميمبر ،لاڳاپيل آفيسرن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو چيو مان پنهنجي آفيس ۾ واپارين سان هڪ ميٽنگ رکي هئي۽ ان ميٽنگ ۾ طئي ٿيو ته سارين جي اگهن بابت واپاري ،آبادگار،سارين ڪٽڻ جي صورت ۾ ان کي ڪراس جيڪ ڏيندو ان کي ڦل رقم ڏيندو ۽ جيڪڏهن واپاري ڪاٽن ساريون خريد ڪندو ته ان تي واپاري هڪ لک رقم تي 800 روپيه ڪٽ ڪندو آخر ۾ ضلعي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪماريو ڳالهائيندي چيو ته سابقMPA آغا سراج احمد خان دراني پنهنجي زندگي ۾ شڪارپور جي ماڻهن ۽ پنهنجي ڳوٺ ياسين تڪ جي وڏي خدمت ڪئي آ ۽ پنهنجي دور ۾ وڏيون نوڪريون ڏنيون ۽ عوام جي خدمت ڪئي آ ،وڏا ترقياتي ڪم ڪرايا وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اڳوڻو MNA آفتاب احمد ميراڻي شڪارپور شهر جي هڪ معزز خاندان سان تعلق رکي ٿو ۽ ڪيترائي ڀيرا MNA ٿي رهيا آهن ۽ شڪارپور جا پراڻا سياستدان ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجي زندگي شرافت سان گذاريائون اسان انهن کي ڀيٽا پيش ڪيون ٿا،ان موقعي تي معزز ميمبرن جا مسئلا ٻڌا ويا آهن انهن کي حل ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر کي ضلعي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪماريو چيو ته سارين جي اگهن بابت هڪ ميٽنگ رکي وڃي ۽ سيني ڊپارٽمنٽ جي آفيسرن کي پابند ڪيو وڃي ته جيئن سارين جي اگهه طئي ڪجي ان موقعي تي ضلعي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪماريو چيو ته ڪنهن به ميمبر کي اڪيلو نه ڇڏينداسين ۽ هڪ ٻئي جي تعاون سان عوامي ڀلائي جا مسئلا حل ڪيا ويندا ۽ سيني ميمبرن جو اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو بعد مين اجلاس ملتوي ڪيو ويو

بقايا 24 | هڙتال جاري

ڪٽائي خلاف 35هين ڏينهن به بک هڙتال ڪري ڪارونجهر جي ڪٽائي نامنظور جا نعرا هنيا ويا، احتجاجي ڪئمپ تي سنڌ جي شاعر ۽ ليکڪ خليل ڪوسي يڪجهتي طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي خليل ڪوسي چيو ته ڪارونجهر اسان جو محبوب جبل آهي، ڪارونجهر جي ڪٽائي ڪنهن به صورت ۾ قبولي نه ويندي، هن چيو ته هن حسين جبل کي سياحتي مرڪز ناهي هن مان سنڌ گورنمينٽ وڏو ناڻو ڪمائي سگهي ٿي، هن چيو ته دنيا جا ٻيا ملڪ پنهنجي ثقافتي ورثن کي محفوظ ڪري ان کي سياحتي مرڪز بڻائي ان مان ڪمائين ٿا. هن چيو ته ڪارونجهر کي ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل ڪيو وڃي

بقايا 25 | زرعي توسيع کاتو

سيمپل حاصل ڪيا ويا جن مان زرعي دوائن جا 729 سيمپل ۽ ڪيميائي ڀاڻ جا 541 سيمپل ليبارٽري ۾ معائني لاءِ موڪليا ويا جنهن مان زرعي دوائن جا 45 سيمپل غير معياري ثابت ٿيا _ هن ٻڌايو ته انهن ڊيلرن خلاف ايف آئي آر داخل ڪري عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪيميائي ڀاڻ جا 54 سيمپل غير معياري ثابت ٿيا آهن ۽ انهن ڊيلرز جي خلاف پڻ سنڌ فرٽيلائيزر ڪنٽرول ايڪٽ جي تحت عدالت ۾ چالان ڪري قانوني ڪاروائي ڪئي وئي آهي ته جيئن آبادگارن کي بهتر ڪيميائي ڀاڻ ۽ زرعي دوائون حاصل ٿي سگهن _

بقايا 26 | شهزاد شيخ

ادارو آهي جنهن هميشه صحافي برادري جي حقن جي تحفظ ۽ صحافتي آزاديءِ جي فروغ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته نوان چونڊيل عهديدار پنهنجي ذميوارين کي بهترين نموني نڀائيندي صحافين جي ڀلائي ۽ پيشه ورانه قدرن جي مضبوطي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.ڊائريڪٽر انفارميشن وڌيڪ چيو ته انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۽ پريس ڪلب وچ ۾ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي ته جيئن درست ۽ بروقت معلومات جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي. هن نئين چونڊيل صدر جنيد خانزاده، جنرل سيڪريٽري اشوڪ شرما، نائب صدر جيٽي پرڪاش موراڻي، خزانچي اڪرم شاهد، جوائنٽ سيڪريٽري فهيم ٻپر سميت گورننگ باڊي جي ميمبرن علي حسن، لال رحمان سمون، خالد ڪوڪر محمد حسين خان، اقبال ملاح، حميدالرحمان، جاويد چراغ، سهيل انصاري ۽ ظفر هڪڙو کي به مبارڪباد پيش ڪئي آهي.

بقايا 27 | شريف جو اجلاس

سيڪريٽري وقار احمد ڪوريجو، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري حبيب □ جوڻيجو مرڪزي فنانس سيڪريٽري غلام حسين جوڻيجو ۽ مرڪزي پريس سيڪريٽري منصور احمد تالپر سميت مرڪزي عهديدارن شرڪت ڪئي. جنرل ڪائونسل اجلاس جي چيئرمين سپريم ڪميٽي نشات مير مقبول احمد تالپر ميمبر سپريم ڪميٽي سائين دين محمد ڪيريو ۽ ڊاڪٽر اياز ڪيريو پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس دوران گذريل سال جي بهترين ڪارڪردگي ۽ تعليمي ڪاميابين جي بنياد تي شاگردن ۽ ڪارڪنن ۾ ايوارڊز ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. نشات ايجوڪيشن امپرووميٽ پروگرام جي چيئرمين محمد علي تالپر طرفان ڪامياب شاگردن کي خاص اعزاز ڏنا ويا، جن ۾ صفدر حيدر جوڻيجو (سي سي اي امتحان پاس ڪري مختيارڪار بڻجڻ)، عرفان ڏاهري (ايس پي ايس سي ليڪچررشپ امتحان ۾ سنڌ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪرڻ)، محمد عيسيٰ چنه ۽ فهد چانڊيو شامل هئا ان کان علاوه هائير اسٽڊيز لاءِ ٻاهرين ملڪن ويندڙ نشات ميمبرن، نشات ايجوڪيشن امپرووميٽ پروگرام پاران ورتل ٽيسٽن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي پڻ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا اجلاس ۾ چيئرمين سپريم ڪميٽي مير مقبول احمد تالپر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جي سال 2024-2025 واري مرڪزي باڊي کي ڊزالو ڪري سال 2025-2026 جي نئين مرڪزي باڊي جو اعلان ڪيو، جنهن موجب مرڪزي صدر حبيب الله جوڻيجو مرڪزي نائب صدر رضا حسين ڏاهري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري فيض الله قاضي، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالرحمان جوڻيجو مرڪزي فنانس سيڪريٽري منصور احمد تالپر ۽ مرڪزي پريس سيڪريٽري محمد علي تالپر چونڊيا ويا ساڳئي طرح نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي باڊي سال 2023-2025 کي ڊزالو ڪري سال 2025-2027 جي نئين مرڪزي باڊي جو اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ مرڪزي صدر قادر بخش بگٽي، مرڪزي نائب صدر مولا بخش چنه، مرڪزي جنرل سيڪريٽري عبدالله جوڻيجو، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري دين محمد تالپر، مرڪزي فنانس سيڪريٽري سميع الله جوڻيجو ۽ مرڪزي پريس سيڪريٽري پيار علي تالپر چونڊيا ويا. نئين چونڊيل باڊين کان ميمبر سپريم ڪميٽي دين محمد ڪيريو حلف ورتو جنهن بعد اجرڪون پيش ڪيون ويون. بعد ۾ اجلاس جي صدارت مرڪزي صدر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف حبيب □ جوڻيجو سنڀالي. اسٽيج تي ميمبر سپريم ڪميٽي ڊاڪٽر اياز ڪيريو، اسٽيٽ مينيجر پير آف لواري شريف چاچا الهجڙايو ڪوريجو سابق مرڪزي صدر فتح الله جوڻيجو سابق مرڪزي صدر قوٽو نياز جوڻيجو ۽ سابق مرڪزي جنرل سيڪريٽري شفيع محمد ڏاهري موجود هئا.

بقايا 28 | الهه تلهه سڙي رک

جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل ساڍا 7 لک روپيه روڪ رقم، هڪ ايئرڪنڊيشن، 3 بئٽريون، هڪ ٽي وي، صوفا سيٽ، الماڙي، فرنيچر، ڪپڙا سميت لکين روپين جو قيمتي گهرو سامان سڙي رک ٿي ويو ان حوالي سان گهر ڌڻي ايڊووڪيٽ اسد الله ٻگهيو جو چوڻ هو ته منهنجي گهر کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب اوچتي باهه لڳي وئي آهي، باهه سبب گهر ۾ پيل ساڍا 7 لک روپيه روڪ رقم، هڪ ايئرڪنڊيشن، 3 بئٽريون، هڪ ٽي وي، صوفا سيٽ، الماڙي، فرنيچر، ڪپڙا سميت لکين روپين جو قيمتي گهرو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي. اهڙي واقعي جو اطلاع بروقت ريسڪيو1122 جي ٽيم ۽ فائربرگيڊ عملي کي ڏنو پر عملو ته پهتو جنهن جي ڪري اسان جو ايترو نقصان ٿيو آهي. هن لاڙڪاڻو جي انتظاميه کي اپيل ڪئي ته ٿيل نقصان جو ازالو ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 29 | نمائش شروع

پراجيڪٽس رکيا ويا آهن. جن ۾ شاهه لطيف جون سورميون، شاهه لطيف جا راڳي، ڪٿڪ ڊانس، ڪٿڪ ڊانس لاءِ اسٽوڊيو صوفا سيٽ، نقشا، ڪپڙن جون ڊزائنون، خدا آباد جي تاريخي مسجد، ناڪاره شين مان ٺاهيل گهرو سجاوٽ ۽ تفريح جون شيون شامل آهن. نمائش جو افتتاح جو ناميارو مصور ۽ فنڪار احمد علي مگنهار ۽ يونيورسٽي آف آرٽ اينڊ ڪلچر جي چانسلر پروفيسر عبدالغفار گوهر داؤدپوٽو ساجده مهر ۽ ٻين گڏجي ڪيو. شريڪ مهمانن نمائش ۾ رکيل پراجيڪٽس کي ڏٺو شاگردن ۽ شاگرديائين کان پنهنجن پنهنجن پراجيڪٽس بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي، جنهن دوران ڏسندڙن شاگردن ۽ شاگرديائين جي تيار ڪيل پراجيڪٽس جي ساراهه ڪئي. ان موقعي تي مهمانن ڳالهائيندي چيو ته هن نمائش ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين جي ڪم کي ڏسي خوشي ٿي رهي آهي ته اسان جي نوجوانن ۾ قابليت آهي جيڪا هن قسم جي نمائشن ۽ استادن جي رهنمائي ظاهر ٿي رهي آهي، هي نمائش يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ علمي ۽ تخليقي سنگ ميل ثابت ٿيندي. منتظمين موجب هي آرٽ نمائش 15 جنوري 2026ع تائين جاري رهندي، جنهن ۾ روزانو صبح 09:00 کان شام 05:00 وڳي تائين آرٽ جا شوقين دورو ڪري سگهندا. جڏهن ته شاگردن ۽ شاگرديائين پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته اسان کي خوشي ٿي رهي آهي ڪوشش ڪنداسين ته تعليم مڪمل ڪرڻ بعد پنهنجي پراجيڪٽ ۽ برانڊ تيار ڪري پنهنجا ڪاروبار شروع ڪنداسين نوجوانن کي گهرجي ته هن شعبي ۾ اچي اعلي تعليم حاصل ڪري عزت ڀريو پنهنجو روزگار حاصل ڪن. نمائش ۾ آرٽسٽ نادر جمالي، عبدالمجيد سومرو، محمد عمار داؤد پوٽو، صدرالدين، اپيرا اعوان، عبدالباري سمون، شهناز ونود ڪمار، حاڪم چانڊيو ، جبار ڪابورو ، جامي شيدي ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي.

بقايا 30 | ادبي ڪانفرنس

شام، تاليوارا اديب فهيم نوناري، غلام رسول غرق، صائب ميمڻ، نور حلن ڪلهوڙو، محمد قاسم جهتيال، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي پٽ علي رضا نظاماڻي، ڊاڪٽر قربان جهتيال جي پٽ ڊاڪٽر رضوان علي جهتيال سميت سوين ماڻهن شريڪ ٿيا، ٻنهي ادبي شخصيتن تي تاج جويو ڳالهائيندي چيو ته رئيس ڪريم بخش نظاماڻي سائين جي ايم سيد جو ويجهو دوست هو هن کي باباءِ ثقافت جو لقب سائين جي ايم سيد ڏنو هن ثقافت جو ڪم پنهنجي ڏن سان وڏي شوق ۽ عشق سان ڪيو هن چيو باباءِ ريڊيو ڊاڪٽر قربان جهتيال منهنجو دوست هو منهنجو اهم اثر هو هي ادبي سنگت جو سرگرم ۽ متحرڪ ساٿي هو سندس علمي ادبي خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي، ادبي تقريب کي نصير مرزا خطاب ڪندي چيو ته رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر قربان جهتيال سنڌ جا انمول هيرا هئا، ڊاڪٽر قربان جهتيال ريڊيو جو عاشق هو اسان جو دوست هو سندس ڳوٺ قلعجي اسٽيشن ۾ هن ريڊيو جا تمام وڏا پروگرام ڪيا جنهن ۾ اسان شامل ٿيندا هئاسين، هن چيو ته رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جنهن جا دوست سائين جي ايم سيد، ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي، چاچا حفيظ قريشي، يار محمد شاهه، عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز جهڙا سندس دوست هئا، هي سنڌ جي ثقافت جو سچو عاشق هو سنڌي موسيقيءَ سان پيار ڪندو هو ادبي تقريب کي اديب، شاعر ،ڪالم نگار ديدار شام ڳالهائيندي چيو ته اجوڪي تقريب مثالي تقريب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ٻن عظيم شخصيتن باباءِ ثقافت رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ باباءِ ريڊيو ڊاڪٽر قربان جهتيال جي ياد ۾ ٿي رهي آهي، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي کي باباءِ ثقافت جو لقب سائين جي ايم سيد ڏنو ۽ ڊاڪٽر قربان جهتيال کي ريڊيو سان محبت ۽ عشق سبب سائين محسن ڪڪڙائي کيس باباءِ ريڊيو جو لقب ڏنو هي ٻئي شخصيتون ثقافت، راڳ، اسٽيج ناٽڪ، سنڌي فلمن جا شوقين هئا، جڏهن ته ان موقعي تي نوجوان ليکڪ ديدار شام جو لکيل اصلاحي ۽ انقلابي اسٽيج ناٽڪ سمبارا پيش ڪيو ويو جنهن کي ڀرپور موٽ ملي، سمبارا ناٽڪ کي سينئر ڊائريڪٽر ۽ اداڪار عبدالمنان عباسي عرف ماما لالون، رحمت الله ٽيبو، آغا ظفر لکي رياض عمراڻي ۽ ٻين پڻ ساراهيندي چيو ته سمبارا جهڙا ڊراما سماج ۾ تبديلي ۽ سڌاري جو سبب ٿي سگهن ٿا، جڏهن ته تقريب ۾ ساجد سنڌي لطيف جي وائي ڳائي، صائب ميمڻ پروگرام جي ڪاروائي هلائي.

بقايا 31 | علاج ڪيو

عورتن ۽ ٻارن سميت مختلف مريضن جي تپاس ڪئي وئي جن کي دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون ويون ان موقعي تي امداد فائونڊيشن جي چيئرمين ڊاڪٽر سيد ضياء شاهه ميڊيا کي ٻڌايو ته 2009 کان ٻه روزه مفت اکين جي ڪيمپ تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ لڳائي رهيا آهيون جڏهن ته ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ هڪ روزه جنرل ڪيمپ لڳائيندا آهيون جتي پڻ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر شريڪ ٿيندا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته هتي مريضن کي مفت دوا ڏني ويندي آهي جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن مان ايندا آهن جڏهن ته ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ پڻ لڳائي ويندي آهي سيد ضياء شاهه چيو ته سڪرنڊ ۾ مجيد ڪيريو ۾ ٻي روزه ڪيمپ جڳ مشهور سماج سڌارڪ سيد امداد محمد شاهه جي ياد ۾ لڳائيندا آهيون سيد امداد محمد شاهه جي اها شخصيت آهي جنهن پنهنجي زندگي سنڌ جي ماڻهن خاص ڪري علائقي جي ماڻهن لاءِ وقف ڪئي انهن جي سماجي خدمتن واري تسلسل کي برقرار رکندي هي عمل ڪري رهيا آهيون هوڏانهن ڊاڪٽر محمد صادق سيال ، ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو ، ڊاڪٽر پريم ، ڊاڪٽر منظور خشڪ ۽ مجيب سنڌي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته صالح اولاد جي نشاني آهي ته هو پنهنجن وڏڙن جي سماجي تسلسل کي جاري رکندا آهن اسين سمجهون ٿا ته سيد امداد محمد شاهه جو اولاد پڻ انهن مان آهي جنهنجو ثبوت اجوڪي جنرل ميڊيڪل ڪيمپ آهي هتن وڌيڪ ٻڌايو ته هتي جيڪا مفت دوا ڏني پئي وڃي اها پڻ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي آهي لوڪل برانڊ ناهي اهو امداد فائونڊيشن جو اهم ڪردار آهي ان موقعي تي پروفيسر غلام مصطفيٰ ڪيريو ، چنگل خان انڙ ، محمد بچل ڏهيو ، شهزادو باگڙي ۽ ڪيلارام اوڏ سميت ٻين ڪارڪنن ڪيمپ جا انتظام سنڀاليا ڪيمپ جي پڄاڻي تي ڊاڪٽرن سميت سموري عملي کي سنڌ جي روايت موجب کين اجرڪون پارائي شاندار مانجهاندي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو.

بقايا 32 | ناصر حسين شاهه

آهي سکر جي ڪناري تي سنڌو درياءِ جي لهرن جي وچ ۾ واقع تاريخي ۽ مقدس هندو مندر ساڌو ٻيلا جي ڊگهي عرصي کان بند بحالي ۽ تعميراتي ڪم کي ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي اعلان ڪيو ويو ته تعميراتي ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويندو. سنڌ ثقافت کاتي کي هن منصوبي تي عمل درآمد جي ذميواري سونپي وئي آهي، جڏهن ته منصوبي لاءِ 1.36 ارب روپين جي وڏي رقم مختص ڪئي وئي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ڪيو ساڌو ٻيلا جي دوري جي موقعي تي، بابا برکنڊي مهاراج مندر تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ پاڪستان جي خوشحالي لاءِ دعا ڪئي هن وڌيڪ چيو ته ساڌو ٻيلا نه رڳو اقليتي برادري جو هڪ مقدس مقام آهي پر سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ مذهبي ورثي جو هڪ قيمتي اثاثو پڻ آهي، جنهن جي بحالي مذهبي سياحت کي فروغ ڏيندي ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط ڪندي. صوبائي وزير ناصر شاهه لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي بحالي جو ڪم شفاف طريقي سان ۽ آثار قديمه جي ماهرن جي نگراني ۾ مڪمل ڪن ته جيئن مندر جي اصل تاريخي حيثيت برقرار رهي. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ انهن جي مذهبي جڳهن جي حفاظت لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي رهندي. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ اقليتي ونگ ضلعي سکر جي صدر وجي ڪمار جگواڻي ۽ جنرل سيڪريٽري راج ڪمار وقواڻي، هندو پنچائت جي سربراهه مکي اشور لال مکيجا، گرداس واقواڻي ۽ اقليتي ونگ جي اڳواڻ جور لال مکيجا سميت ٻيا معزز ۽ اقليتي برادري جا نمائندا موجود هئا. اقليتي اڳواڻن سنڌ حڪومت ۽ صوبائي وزير جو ساڌو ٻيلا جي بحالي جي منصوبي تي شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي منصوبو جلد مڪمل ٿيندو. دوري دوران، هڪ خانگي ٽي وي چينل جي مشهور اينڪر سهيل وڙائچ جو اقليتي برادري پاران ساڌو ٻيلا جي پهرين دوري تي گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو. انهن کي مندر جي تاريخ، مذهبي اهميت ۽ جاري ۽ تجويز ڪيل بحالي جي ڪمن بابت آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي پي پي ضلعي صدر وجي ڪمار جگواڻي پاران منعقد ڪيل ماني جو به انتظام ڪيو ويو. سکر جي ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد احمد مغل، ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي، ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ۽ ٻين مهمانن تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 33 | دورو ڪيو

تفصيلن، ترقياتي منصوبن جي انگن اکرن، رڪارڊ روم ۽ ٻين معاملن جو معائنو ڪيو. انفارميشن ڪميشن جي ميمبرن اداري جي ويب سائيٽ فعال نه هجڻ تي سخت ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ۽ ان کي فوري طور تي فعال ڪرڻ جي هدايت ڪندي ايڪٽ تحت گهربل سموري معلومات ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪرڻ جا پڻ حڪم ڏنا. ان موقعي تي انفارميشن ڪمشنر محمد سليم خان چيو ته معلومات تائين رسائي هر پاڪستاني شهري جو بنيادي حق آهي، جيڪو کيس پاڪستان جي آئين جي قلم 19-اي تحت پڻ ڏنو ويو آهي ان ڪري تمام سرڪاري ادارا شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ عوامي مفاد جي معلومات فراهم ڪرڻ جا پابند آهن. هن وڌيڪ چيو ته هن ايڪٽ تحت تمام سرڪاري ادارا عوام کي معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ 16 هين يا ان کان مٿي گريڊ جو آفيسر مقرر ڪن. انفارميشن ڪمشنر نور محمد دايو چيو ته معلومات فراهم نه ڪرڻ، غلط بياني ڪرڻ ۽ ان کي ڄاڻي واڻي لڪائڻ سزا جوڳو ڏوهه آهي. هن سرڪاري کاتن تي زور ڀريو ته هو مقرر ڪيل آفيسر جي تبديلي جي صورت ۾ فوري طور ڪميشن کي آگاهه ڪن ته جيئن ان حوالي سان رڪارڊ کي درست رکي سگهجي. ڪمشنرز اٿارٽي جي آفيسرن تي واضح ڪيو ته مٿي ڄاڻايل ايڪٽ جي ڀڃڪڙي، معلومات جي عدم فراهمي يا غلط استعمال تي ڪميشن کي سيڪشن 15 ۽ 16 تحت سزا ڏيڻ جو اختيار حاصل آهي. سيهوڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل معلومات فراهم نه ڪرڻ تي غير مشروط معافي ورتي ۽ چيو ته ڪميشن جي حڪمن جي مڪمل پابندي ڪئي ويندي، هن ڪميشن کي "شوڪاز نوٽيس" واپس وٺڻ جي پڻ درخواست ڪئي، جنهن تي ڪميشن نوٽيس واپس وٺڻ جا حڪم جاري ڪيا. بعد ۾، ڪميشن جي ميمبرن سيهوڻ شريف ۾ حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضري ڀري ۽ فاتحه خواني ڪئي.

بقايا 34 | انت اٿي ڇڏيو

فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 35 | سامان سڙي رک

توڙي باهه کي اجهايو پر تيستائين دڪان ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو.

بقايا 36 | واپارين جي هڙتال

حاجي يوسف سوناري جي سون جي دڪان کي ڪاٽ هڻي وڏي مقدار ۾ سوا ڪروڙ جو قيمتي سون ۽ 3 لک روپيا روڪ چوري ڪري ويا آهن پوليس انتظاميه تماشائي بڻيل آهي بروقت اطلاع باوجود پوليس نه پهتي فوري طور تي جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل سون واپس ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ سڄي ٺٽي شهر ۾ هڙتال ڪئي ويندي. جڏهن ته ٺٽي شهر جي سونارا بازار ۾ دڪان کي ڪاٽ هڻي ٿيل وڏي واردات خلاف احتجاج ڪندڙ واپارين وٽ ڊي ايس پي ٺٽو وحيد لاڙڪ پهتو واپارين پاران ڊي ايس پي کي ٺٽي ۾ وڌندڙ بدامني تي سخت شڪايت ڪئي وئي.واپاري اڳواڻ ڊاڪٽر ڪامران قريشي ۽ مٺا خان لاشاري ڊي ايس پي ٺٽو آڏو واضح موقف اختيار ڪندي چيو ته ٺٽي ۾ بدامني جي ذميوار پوليس آهي 2 ڏينهن اڳ مڪلي ٿاڻي جي ايس ايڇ او خانگي ماڻهن سان گڏ ڪينجهر وٽ وين کي روڪي زبردستي لکين روپين جون دواساز ڪمپني جون دوائون ڦر ڪري مڪلي جي ترڪي ڪالوني ۾ لڪايون، هتن چيو ته هن مان اهو سمجهجي ٿو ته ٺٽي ۾ جيڪي به وارداتون ٿي رهيون آهن پوليس اهلڪار خاص طور تي مڪلي ٿاڻي جو ايس ايڇ او ڏوهاري ماڻهو آڻي واردتون ڪرائي رهيو آهي واپارين پوليس انتظاميه جي ڪارڪردگي تي عدم اطمينان ظاهر ڪندي چيو ته ٺٽي شهر جي سونارا بازار محمد يوسف ميمڻ جي سون جي دڪان کي ڪاٽ هڻي هڪ ڪروڙ روپين کان به وڌيڪ ماليت جو سون چوري ڪرڻ واري واقعي خلاف سونارا بازار ۾ هڙتال برقرار آهي

بقايا 37 | تقريب ۾ شرڪت

سميت سياسي سماجي ادبي صحافتي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 38 | 7ڄڻا زخمي E

گوليون لڳڻ سبب نوجوان ناري قتل ٿي وئي جڏهن ته هڪ عورت سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا خبر موجب راڻو لڳ چار ڪلوميٽر پري ڳوٺ سيهڙ ۾ فدا حسين پنڊ جي گهر تي هٿياربندن ڪاهه ڪري فائرنگ ڪئي ۽ گوليون لڳڻ سبب نوجوان ناري ثناء ڌي فداحسين پنڊ قتل ٿي وئي جڏهن ته هڪ عورت شريفان پنڊ، فدا حسين پنڊ، بشير احمد پنڊ، محمد بخش پنڊ، گلزار پنڊ ۽ گل نظير پنڊ زخمي ٿي پيا ۽ جوابدار آساني سان فرار ٿي ويا.سيهڙ پوليس زخمين جي علاج لاءِ ۽ مقتولا جي پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال آندو ويو ۽ هڪ شديد زخمي کي تراما سينٽرلاڙڪاڻي نيو ويو.جڏهن ت ان سلسلي ۾ سيهڙ پوليس جو چوڻ هو ته پنڊ برادري ۾ زمين جي ملڪيت ۽ پراڻو سنگڙاڻي تڪرار هلندڙ هيو.جنهن ڪري هي واقعو پيش آيو آهي. هوڏانهن ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ ڊي ايس پي ڏوڪري مير امداد علي تالپر ۽ ايس ايڇ او سيهڙ ذوالفقار ڳاڻيجو کان واقعي بابت تفصيل گهري ورتا مقتولا ناري جي لاش جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 39 | ڪميٽي قائم

منڊي اندر سهولتن جي کوٽ سميت پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت نه هجڻ ۽ بجلي نه هجڻ سبب دڪاندارن واپارين سميت وڪري لاءِ ايندڙ ماڻهو سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن جڏهن ته مارڪيٽ ڪميٽي پاران 6 سال گذرڻ باوجود سبزي منڊي ۾ بنيادي سهولتن لاءِ سبزي منڊي ڪميٽي سان ڪوبه تعاون ناهي ڪيو ويو جڏهن ته 6 سال گذرڻ ۽ دڪاندارن جي شڪايتن تي مارڪيٽ ڪميٽي پاران ٽنڊوالهيار سبزي منڊي جو دورو ڪري سبزي منڊي ڪميٽي سان گڏجاڻي بعد منڊي اندر مسئلن جي حل ۽ گهربل سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ گڏيل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي گڏجاڻي بعد پريس ڪانفرنس ڪندي سپرينٽنڊنٽ مارڪيٽ ڪميٽي ٽنڊوالهيار راشد حسين چاچڙ . سيڪريٽري مارڪيٽ ڪميٽي ٽنڊوالهيار محمد طفيل خاصخيلي . صدر سبزي ٽنڊوالهيار اشرت قائمخاني ۽ ٻين چيو ته ڪافي شڪايتن بعد اڄ گڏيل ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا سنڌ سرڪار کان فنڊ وٺي سبزي منڊي اندر دڪاندارن کي پيش ايندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيترن ئي سالن کان هي منڊي مسئلن جي ور چڙهيل آهي هتن چيو ته منڊي اندر بهتري جي ڪافي حد تائين ضرورت آهي بجلي جي سهولت نه هجڻ سميت ٻيا به ڪافي مسئلا آهن جن کي جلد حل ڪيو ويندو سنڌ حڪومت سان ڳالهيون ٿيون آهن بل به منظور ڪيو ويو آهي جلد سنڌ منڊين کي فنڊ ملڻ شروع ٿيندا جنهن سان ڪافي بهتري ايندي سبزي منڊي صدر اشرت قائمخاني چيو ته 7 ڪروڙ جي لاڳت سان هي سبزي منڊي قائم ٿي پر هڪ شهر ۾ وڌيڪ منڊيون لڳڻ سراسر ناانصافي آهي مارڪيٽ ڪميٽي جي اهڙي فيصلي تي افسوس آهي مارڪيٽ ڪميٽي سميت اعلي اختيارين کي گذارش ڪنداسين ته هن سبزي منڊي کي ترجيح ڏني وڃي جيئن هن منڊي کي هڪ مثالي منڊي بڻائي سگهون

بقايا 40 | چوري ڪري ويا

موجب، نامعلوم چور 5 کان 7 تولا سون، نقد ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر خاندان وڌيڪ چيو ته گذريل رات ساڳئي علائقي ۾ هڪ موٽرسائيڪل سي ڊي 70، ماڊل 2024، پڻ چوري ٿي وئي هئي، جنهن ڪري علائقي ۾ ڏوهاري عنصرن جي سرگرمين ۾ واڌ جو خدشو پيدا ٿي رهيو آهي شهري چون ٿا ته پوليس اهلڪارن جي کوٽ سبب ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ڏکيو ٿي ويو آهي ۽ شهري انتهائي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن. علائقي جي رهواسين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته انهن واقعن جو فوري طور تي نوٽيس ورتو وڃي، چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ اثرائتي سيڪيورٽي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 41 | لاش رکي ڌرڻو

مقتول جي وارثن زادي خاتون گوهر خاتون جوري جي خاتون احسان طفيل ظهور شبير رهزن چوليائي سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس اسان جي نوجوان کي ناحق قتل ڪيو آهي مقتول پنهنجي زمين تي ڪٽڪ کي پاڻي ڏئي رهيو هو ته هن کي پوليس اسان جي مخالفن رزاق چوليائي ياسين چوليائي واري ڌر کان پيسا وٺي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي قتل ڪري ڇڏيو مقتول جي وارثن جو چوڻ هو ته اسان شريف آهيون پوليس اهلڪارن اعجاز ڪوسو وسيم امتياز ڏاهاڻي حيدر ڏاهاڻي جن اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو آهي جنهن جي خلاف اسين اعلي اختيارين سميت وس وارن کي اپيل ڪريون ٿا ته اسان سان انصاف ڪري قاتلن کي گرفتار ڪري ڦاسي ڏني وڃي=

بقايا 42 | اسٽيٽ بينڪ

بينڪن ۾ موڪل هوندي ۽ ملڪ ۾ عوامي ڏيتي ليتي معطل رهندي، ان ڏينهن سيٽي ڪمرشل بينڪ، ترقياتي مالي ادارا ۽ مائڪرو فنانس بينڪ عوامي ڏيتي ليتي لاءِ بند رهندا.

بقايا 43 | ٻارهين ورسي

جي مختلف شهرن جا صحافي، اديب، شاعر ۽ ساڃاهه وند وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ورسي جي موقعي تي صبح 9 وڳي قرآن خواني ۽ 10 وڳي شهيد شان ڏهر جي مزار تي حاضري ڀرڻ بعد شهيد جي بيگناهه خون سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو جنهن بعد منجهند 2 وڳي شهيد شان ڏهر چوڪ تي باقائده ورسي تقريب منعقد ڪئي ويندي، جنهن جي صدارت شهيد شان ڏهر جي وڏي ڀيڻ فوزيه ڏهر ڪندي. تقريب دؤران سينئر صحافي، اديب ۽ ساڃاهه وند شهيد شان ڏهر جي صحافتي جدوجهد تي تفصيلي روشني وجهندا. تقريب کانپوءِ شرڪت ڪندڙ شهيد شان ڏهر جي شهادت واري جاءِ تي پهچي ميڻ بتيون ٻاري کيس ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندا.

بقايا 44 | کليل ڪچهري

ڪچهري منعقد ڪئي جنهن ۾ حاضر سروس توڙي رٽائرڊ سرڪاري ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رهيل پگهارن، پينشن، جي پي فنڊ، ۽ ٻين مالي معاملن بابت شڪايتون پيش ڪيون جن کي غور سان ٻڌو ويو. کليل ڪچهري دوران ملازمن پاران لکت ۾ درخواستون جمع ڪرايون ويون، جن تي فوري نوٽيس وٺندي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ لاڳاپيل اڪائونٽس آفيسرن کي مسئلن جي ترت حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ چيو ته محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوام ۽ سرڪاري ملازمن کي فوري ۽ بروقت انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهيو آهي. کليل ڪچهري منعقد ڪرڻ جو مقصد ملازمن جي شڪايتن جو ازالو ڪري کين انصاف فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري ادارن ۾ موجود مسئلن کي سڌي طرح ٻڌي حل ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته موصول ٿيندڙ درخواستن تي قانون موجب جلد از جلد ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن به شهري سان ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي. کليل ڪچهري ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر غلام سرور چاچڙ، ايڊيشنل اڪائونٽس آفيسر سرفراز اعوان، اڪائونٽس آفيسر برڪت ميمڻ سميت ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 45 | مظاهرو

رضا چانڊيو نواز ملاح شهباز ميمڻ ۽ ٻين قبرستان اندر احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته ڳاڙهو گهوٽ قبرستان مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي ، قبرستان جي مالڪي نه ٿيڻ خلاف دانهيون پيا پر ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي انتظاميا نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هينئن سبب برسات جو پاڻي قبرستان ۾ جمع ٿي وڃي ٿو هتن چيو ته اسٽريٽ لائيٽون ته نه آهن لڳل ڪچري جا ڍير به جمع ٿي ويا آهن جڏهن ته گٽرن جو پاڻي قبرستان ۾ پڻ جمع ٿي رهيو آهي ان حوالي سان ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ۽ ضلعي انتظاميا کان رهواسين مطالبو ڪيو ته هن جي احتجاج جو نوٽيس وٺي ڳاڙهو گهوٽ قبرستان جي مالڪي ڪندي اسٽريٽ لائيٽن سان گڏ ڳاڙهو گهوٽ قبرستان ۾ وائيٽ پائوڊر جون ٽراليون لهرايون وڃن گڏوگڏ قبرستان مان ڪچرو پڻ کڻايو وڃي

بقايا 46 | لياقت جتوئي

نمائندا غريب عوام جو پيسو لٽي عياشيون ڪري رهيا آهن راڻ ۾ پارٽي اڳواڻ سردار مير مظهر جهتيال ۽ شاهد قمر سولنگي طرفان لياقت علي جتوئي جي مان ۾ ڏنل مچ ڪچهري پروگرام هڪ وڏي جلسي ۾ تبديل ٿي ويو جلسي کي خطاب ڪندي لياقت جتوئي چيو ته عوام بنيادي حق، معياري تعليم، روڊ رستا ۽ روزگار چاهي ٿو پر پيپلز پارٽي تعليم جو نظام مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو آهي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اسڪول نه آهن، پر تعليم ناهي، استاد ويزا تي آهن، امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي، ماڻهو نه گهرن ۾ محفوظ آهن ۽ نه ئي ٻاهر نڪري سگهن ٿا. هن چيو ته پيپلز پارٽي هڪ چورن جو ٽولو آهي جيڪڏهن شهيد بينظير ڀٽو زنده هجي ها ته اڄ هڪ به چور نظر نه اچي ها، پر سندس شهادت کان پوءِ لٽ مار شروع ٿي وئي واٽر سپلاءِ جا ڪروڙين رپيا، ٽائون ميونسپل جا فنڊ ۽ سوئي گيس جا پيسا هڙپ ڪيا ويا. لياقت جتوئي چيو ته دادو ضلعي ۾ ميهڙ ڪاروبار جي لحاظ کان وڏو شهر آهي. هن چيو ته هو پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ٿو جو ڏکي وقت ۾ نياز پرڙو عاشق زنئور ۽ ٻيا سچا ۽ وفادار دوست ساٿس گڏ بيٺا آهن. جيڪي ڪيسن ۽ دٻاءَ جي پرواهه نٿا ڪن. جن دوستن ڏکي وقت ۾ ساٿ ڇڏيو انهن کي وري اقتدار ۾ اچڻ بعد ڪڏهن به واپس نه وٺندس. هن چيو ته خدا ظالمن سان محاذ آرائي جو حڪم ڏئي ٿو ۽ جيڪو ظلم جو ساٿ ڏئي ٿو اهو به حساب ڪتاب ۾ شامل ٿيندو هن چيو ته مان اليڪشن جو وڏيرو ناهيان، منهنجي لاءِ هر ڏينهن اليڪشن آهي، هي منهنجي نظرياتي جنگ آهي. مان چاهيان ٿو ته ماڻهن کي روڊ، بجلي، گيس، تعليم ۽ ميرٽ تي نوڪريون ملن، غريب هارين ۽ مزدورن جي حڪومت اچي لياقت جتوئي چيو ته حڪمرانن هر حربو استعمال ڪيو لالچون ڏنيون، ڌمڪيون ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا، پر مان ڪڏهن به نه جهڪندس. هن چيو ته 18 سالن ۾ هنن نمائندن عوام لاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو؟ صرف پيسا ڪاڏا، قيمتي گاڏيون ۽ بنگلا ٺاهيا. هن چيو ته شريف ماڻهو ڪمزور ناهن ٿيندا، ڪمزور چور ٿيندا آهن. اسان هر ظلم برداشت ڪيو آهي، پر جڏهن منهنجي حڪومت ايندي ته اهي به ڏينهن به برداشت نه ڪري سگهندا. هر ڪمال کي زوال آهي، پيپلز پارٽي جي حڪومت وڃڻ واري آهي. عوام سان ٿيل ظلم جو حساب ضرور وٺندس. لياقت جتوئي وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي هاڻي زرداري ليگ بڻجي وئي آهي، شهيد بينظير ڀٽو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو کان پوءِ اصل پيپلز پارٽي ختم ٿي چڪي آهي آخر ۾ هن واعدو ڪيو ته هو عوام جي هڪ هڪ پائي جو حساب وٺندو

بقايا 47 | احتجاجي مظاهرو

رٽائرڊ ٽيچر جي وفات تي فوتي جي معذور پٽ منهنجي ڀاءُ اٻوڪر جي نالي پينشن منظور ڪري ڏيارڻ بابت مون ۽ منهنجي ڀاءُ کي ٽريزري آفيس مٺي جو اسٽاف گذريل ڏيڍ سال کان رلائي رهيا آهن هو اجايو ۽ ناجائز تنگ ڪري رهيا اسان غريب آهيون ۽ ٽريزري آفيس جي چڪرن ۾ دربدر آهيون ڪير دانهون ٻڌڻ وارو ڪونهي اسان جو جائز ۽ قانوني مسئلو حل ٿي سگهي، هن انصاف جي گهر ڪندي فوري واسطيدار اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 48 | ڪيس داخل نہ

موجب هو دوستن سان گڏ قاسم آباد ۾ هڪ جڳهه ۾ دوستن وٽ ويندو رهندو هو جتان سندس ٻه ڏينهن اڳ لاش مليو هو پر ٻه ڏينهن گذرڻ جي باوجود پوليس نه گولي لڳڻ جو سبب معلوم ڪري سگهي آهي ۽ نه ئي ان سلسلي ۾ ڪو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي سندس والد ڪجهه عرصو اڳ ۾ فوت ٿي چڪو آهي جڏهن ته ٻيا وارث صدمي ۾ ورتل آهن. مقتول نوجوان جي وارثن پاران قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

عمرڪوٽ لڳ موٽرسائيڪل ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر ۾ ٻه ڄڻا فوت

پيري اسٽاپ وٽ موٽرسائيڪل جو ڪاٺين سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ زوهيب نيازي ۽ مير مرتضيٰ راڄڙ موقعي تي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيا، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

عمرڪوٽ(رپورٽ: قاضي يوسف)عمرڪوٽ لڳ روڊ حادثي ۾ ٻه نوجوان فوت ٿي ويا پيري اسٽاپ وٽ موٽر سائيڪل تي عمرڪوٽ کان ڊورونارو وڃڻ دوران موٽر سائيڪل ۽ ڪاٺين سان ڀريل ٽريڪٽر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

پ پ چيئرمين خانگڙهه مان نجي دورو مڪمل ڪري واپس سکر روانو

دوري دوران ضلعي گهوٽڪي ۽ سکر جي مقامي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون

بلاول ڀٽو عرب امارات جي وزير شيخ النهيان بن مبارڪ جي ڊنر دعوت ۾ ڀڻ شرڪت ڪئي

خانپورمهر(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خانگڙهه مان نجي دورو مڪمل ڪري واپس سکر روانو ٿي ويو. بلاول ڀٽو زرداري گڏريل شام خانگڙهه جي ريگستاني علائقي سردار گڙهه

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جو گهوٽڪي ۽ سکر جي اڳواڻن سان ورڊل گروپ فوٽو

ڪراچي ۾ سڪيورٽي جي ڊيوٽي ڪندڙ شخص جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منگهو پير جي علائقي نيا ناظم آباد ڪرش پلانٽ ويجهو هڪ شخص جو لاش مليو تفصيل موجب ايس ايڇ او منگهو پير خوش محمد ٻڌائي چيو ته منگهو پير ٿاڻي جي حد ۾ نئون ناظم آباد ڪرش پلانٽ ويجهو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي حادثي ۾ هڪ ڇوڪري سميت ٻه ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي ملڪ اقبال هوٽل جي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ ڇوڪري سميت ٻه ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ ٻن ڇوڪرين سميت پنج زخمي ٿي پيا. ٽريفڪ حادثو تيز رفتار

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اي پي اين اي سي جي وفد جو صحافين جي تحفظ بابت سنڌ ڪميشن جي سيڪريٽريٽ جو دورو

وفد ۾ چيئرمين شڪيل يامين ڪانگا سميت اهم عهديدار شامل، صحافين جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

اجلاس ۾ اجرت ايوارڊ، نوڪري جي تحفظ ۽ شڪايتن جي ازالي بابت اهم معاملن تي بحث ڪيو ويو

سنڌ ڪميشن جو صحافين جي تحفظ لاءِ قانوني ۽ انتظامي قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جو عزم

ڪراچي(پ ر) آل پاڪستان نيوز پيپر ايمپلائيز ڪنفيڊريشن (اي پي اين اي سي) جي نو ميمبرن جي وفد اڄ ڪميشن فار دي پروٽيڪشن آف جرنلسٽس (ايس سي پي جي ايم پيا) جي سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو جتي انهن جو استقبال ڪيو ويو اي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: اي پي اين اي سي جي وفد جو ڪميشن سيڪريٽريٽ جي آمد جي موقعي تي ورڊل گروپ فوٽو چيئرمين شڪيل يامين ڪانگا، دارا ظفر رانا محمد يوسف، سليم الله صديقي محمد عرفان علي ۽ ٻيا موجود آهن

خيرپور ۾ هڏڪيءَ تان واپس ويندي ڳوٺاڻن تي قاتلاڻو حملو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺاڻن بشير،رضوان ۽ فرحان چانڊيو کي جوابدار زخمي ڪري فرار ٿي ويا

مخالف ڌر جي جوابدارن قاتلاڻو حملو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: متاثرين

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي عدالت مان قتل ڪيس جي هڏڪي تان واپس ويندي ڳوٺاڻن بشير چانڊيو رضوان چانڊيو فرحان چانڊيو تي جوابدارن حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ان ڏس ۾ ڳوٺاڻن بشير چانڊيو ۽ ٻين ٻڌايو ته هو ڳوٺ فتح علي چانڊيو جا رهواسي آهن خيرپور جي عدالت ۾ هڪ قتل ڪيس جي هڏڪي تان واپس وڃي رهيا هئا سون ته مخالف ڌر جي جوابدارن قاتلاڻو حملو ڪيو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شڪارپور واسڻ جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، پٽ کي ڪنهڻ جو الزام

پٽ دانش ڪريم نماز پڙهڻ لاءِ گهران نڪتو ته پوليس کڻي گم ڪيو آهي: تهمينا شيخ

منهنجي پٽ کي ڪوڙهه ڪيو آهي ته ان کي ظاهر ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور الف شاهه لڳ شيخ محلا جي رهواسڻ مسمات تهمينا شيخ پريس ڪلب پهچي پوليس خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيون ته گذريل ڏينهن شام جو منهنجو پٽ دانش ڪريم نماز پڙهڻ لاءِ گهران نڪتو ڪافي ٽائيم گذري ڪانپوءِ دروازي تي پاڙيوارن اطلاع ڏنو ته اوهان جي پٽ کي لڪيدر پوليس کڻي وئي آهي.اسان بروقت لڪيدر ٿاڻي تي پهتاسين

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: گهريلو پريشانين سبب ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ نوجوان جو لاش

سڪرنڊ ويجهو قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، 4 ڄڻا ٽڏي تي فوت

پيالا هوٽل وٽ پيش آيل حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار سهيل، شرف الدين ڪوڪر سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن پهچي لاش ڪٽائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيا

فوتين جا مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارث ڳوٺ اول ڇڇر کڻائي پهتا ته ڪهرام مچي ويو

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سڪرنڊ کان 3 ڪلو ميٽر پري قومي شاهراهه تي پيالا هوٽل وٽ ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي موٽر سائيڪل تي سوار چار ئي ڄڻا ٽڏي تي فوت ٿي ويا ابتدائي مرحلي ۾ شديد زخمن سبب سنڌن سڃاڻپ نه ٿي سگهي واقعي بعد موٽر وي پوليس جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر سبب فوت ٿيلن جا فائل فوٽو

خيرپور وزيراعلي سنڌ جي 56 ارب روپين جي سبسڊي ماڻهن کي رلائي ڇڏيو

ٻج ڪلر مفت ڏيڻ واري حڪومتي اعلان تي عملدارن آبادگارن کي رلائڻ لڳا

آبادگارن جو احتجاج، اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺي انصاف ڪرڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه 25 ايڪڙ زمين وارن کي ٻج ڪلر مفت ڏيڻ جي اعلان ڪيو هو ليڪن روينيو ايگريڪلچر ۽ سنڌ بينڪ ماڻهن کي رلائي رلائي ساڻو ڪري ڇڏيو آهي آبادگار رهنمائن آفتاب احمد ڀنڀرو،سنڌي يوسف ڏانوري، الهورايو ڀنڀرو ۽ ٻين خيرپور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي چيو آهي ته ٻج ۽ ڪلر جو فارم پري ايگريڪلچر ڪاٽي وارن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ ڏوڪري واسي ناري جو چاچي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

هنگورجا (ن ع) ڏوڪري جي ڳوٺ غازي مشوري جي رهواسي ناري نغما مشوري پنهنجي مڙس امتياز جوڻيجو سان گڏ پريس ڪلب هنگورجا پهچي پنهنجي چاچي خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي منهنجو والد ۽ امڙ وفات ڪري ويا آهن جڏنهن ته چاچي شوڪت علي مشوري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ۾ نوجوان جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪندڙ 8 ڄڻن تي ڪيس داخل، مظاهرو موٽر وي تي ڌرڻو

پوليس پاران نوجوان گمشاد خان پالاري جي گرفتاري خلاف پالاري برادري جي ماڻهن احتجاج ڪيو هو

معززين جي مداخلت تي احتجاج ختم ڪرائڻ بعد پوليس 8 ڄڻن تي مقابلي جو ڪيس داخل ڪري ورتو

نوجوان آزاد نه ٿيڻ ۽ وڌيڪ 8 ڄڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ٻيهر موٽر وي تي ڌرڻو هڻندو وين انصاف جو مطالبو

نوري آباد(ن ع)نوري آباد پوليس پاران نوجوان گمشاد خان پالاري جي گرفتاري خلاف پالاري برادري جي ماڻهن احتجاج ڪندي ايم-9 موٽر وي تي ڌرڻو هنيو وين جنهن ڪري موٽر وي ٻنهي پاسن کان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: نوجوان جي گرفتاري ۽ ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پالاري برادري پاران موٽروي تي هنيل ڌرڻي جو ڏيک

ڪيرو لڳ صوفي شاعر حضرت منٺار فقير جو ميلو شروع، صوفياڻي راڳ جي محفل

ڪيرو(ن ع) ناليواري صوفي شاعر بزرگ حضرت منٺار فقير جو ٻه روزه ساليانو ميلو اڄ کان ڪيرو ويجهو ڪاٺي شريف ۾ شروع ٿيندو ميلي ۾ ٿيندڙ محفل موسيقي ۾ ناليوارا راڳي اسعاد شفيع فقير ،برڪت جمال فقير، ڀڳت پاڳچند لاڪائي پريم

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ يو ٽيوبر رجب بٽ تي تشدد واري واقعي جو سٽي ڪورٽ ٿاڻي ۾ ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مشهور يوٽيوبر رجب بٽ تي سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ تشدد جو واقعو پيش آيو آهي. واقعي بعد تشدد ڪرڻ واري معاملي تي سٽي ڪورٽ ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ حد دخلين خلاف آپريشن، دوڪانن جا ڇپرا، دڪا ڊاهي پٽ

اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي

آپريشن دوران غيرقانوني اڏاوت ڪيل دوڪانن جي اڏو ڇپرا ڊاهي پٽ ڪيا ويا

هنگورجا (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو جو هنگورجا ۾ حد دخلين خلاف آپريشن دوڪانن جا ڇپرا، دڪا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن ريڙهيا پڻ هٽايا ويا . انڪروچمينٽ ڪندڙن سان خلاف آپريشن جاري رهندو آهي اي سوڀوديرو تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانگ هنگورجا پهچي يوٽي مختيار ڪار

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ انتظاميه پاران حدخلين خلاف آپريشن، ڇپرا دڪا ڊاهي پٽ، سامان ضبط

اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

آپريشن دوران دڪانن اڏو قائم ڪيل غير قانوني ڇپرا، دڪا ڊاهي پٽ ڪري سامان پڻ ضبط ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ مختيارڪار امام الدين لاڙڪ . اسسٽنٽ مختيارڪار وسيم احمد ڀنڀرو . چيف ميونسپل آفيسر عبدالحميد ملڪ . بلديه جي عملي ۽ پوليس سان گڏ شهر جي مختلف

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 35هين ڏينهن به بڪ هڙتال جاري

ٽنگرپارڪر(ن ع) ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران سال 2025 جي ساليانو رپورٽ جاري ڪئي وئي

مختلف هنڌن تي 161 مقابلا ۾ 7 ڌوهارين کي مارڻ ۽ 56 کي زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

مختلف ڪاررواين ۾ 15 ڪلاشنڪوف، 270 پسٽل 33 بندوقون 2113 گوليون هٿ ڪيون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس پاران سال 2025 جي ساليانو رپورٽ جاري ڪئي وئي جنهن ۾ خيرپور پوليس مختلف هنڌن تي 161 پوليس مقابلا ڪيا جنهن ۾ 7 ڌوهارين کي مارڻ 56 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ سان گڏ 402 ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته 106 گينگ برسٽ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو اجلاس، مختلف قراردادون پاس ڪيون ويون

ضلعي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪماريو جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس ٿي گذريو

آغا سراج دراني، آفتاب شعبان ميراڻي جي لاءِ دعا گهري خراج تحسين پيش ڪيو ويو

شڪارپور (ڊ ر) گذريل ڏينهن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال شڪارپور ۾ ضلعي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪماريو جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس ٿي گذريو شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪيو ويو .ان کان پوءِ اڳوڻي ايم پي اي آغا سراج احمد دراني ۽ اڳوڻو ايم اين اي آفتاب شعبان ميراڻي جي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ دعا گهري وئي ۽ خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ملي: چاچڙو جي ڳوٺ مجني جي ڏاڻي جو ڳوٺاڻو صحافين اڳيان داتهي رهيو آهي

سڪرنڊ لڳ سماجي تنظيم پاران مفت جنرل ميڊيڪل ڪيمپ قائم مريضن جو علاج ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) هر سال جيان هن سال به امداد فائونڊيشن پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ مفت جنرل ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي جتي مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽراڻين سميت چائلڊ اسپيشلسٽ ۽ سرجن پڻ شرڪت ڪئي ڪيمپ جيڪا صبح کان شام تائين جاري رهي ان ۾ هزارين مردن،

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه سان گڏ صحافي غلام حسين خاصخيلي تقريب ۾ شرڪت ڪندي

نوابشاهه: صدر آصف علي زرداري پنهنجي والدين جي مزارن تي فاتح خواني ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان گهر مان ساڍا 3 لک روپين جي زيورن جي چوري

عورتون زيور چوري ڪرڻ کانپوءِ پاڻ کي زخمي ڪري پيچ ڊاهه ڪئي: متاثر

اطلاع باوجود به پوليس ڪا ڪارروائي نه ڪئي، ايس ايس پي نوٽيس وٺي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي پير پاڙي ۾ گهر مان ساڍا 3 لک جي زيورن جي چوري ۾ ملوث عورتن پيچ ڊاهه ڪري پنهنجو پاڻ کي زخمي ڪرڻ کانپوءِ فرار ٿي ويون ، ٽنڊو محمد خان جي پير پاڙي جي رهواسي نوجوان محمد صالح ابڙو ، ماجد علي ابڙو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته اسان جي پير پاڙي واري گهر مان ساڍا 3 لک روپين واري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي ويجهو زهريلو پاڻي پيئڻ سبب 23 ٻڪري مري ويون

پاڻي ڪڍي ۾ زهريليون دوائون اڇلائڻ سبب ٻڪريون ۽ رڍون تڙپي تڙپي مري ويون

ڳوٺاڻي ابراهيم لنڊ جا ٻڌي هٿ مٽي تي، ڊپٽي ڊائريڪٽر وٽرنري معاملي جو نوٽيس ورتو

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي ويجهو ڳوٺ لس ۾ پاڻي جي ڀريل ڪڍي ۾ اڻڄاتل ماڻهن پاران هٿرادو زهريليون دوائون اڇلائڻ سبب ڳوڏن جي مرض سان جهيڙيندڙ غريب ڳوٺاڻي ابراهيم لنڊ جون 23 ٻڪريون ۽ رڍون مري جنهن بعد خبرون هلڻ بعد لائيو اسٽاڪ کاتي ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اجي ڪمار پاران نوٽيس وٺي جاڳايل ڳوٺ لس ۾ وٽرنري ڊاڪٽرن جي ٽيم موڪلي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ڪار جي ٽڪر لڳڻ سبب ٽي ڄڻا خت زخمي، اسپتال داخل

دادو روڊ تي سيڪرڊ ڇوڪري ڪان ڪار بي قابو ٿي پمپ تي ويٺل تي مٿا چڙهي وئي

زخمي مختيار سانوڻ ڪلهوڙو، غلام حسين چانڊيو ۽ وسيم کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مورو (ن ع) سيڪرڊ ڇوڪري ڪان گاڏي بي قابو ٿي پمپ تي ويٺل ماڻهن مٿان چڙهي وئي تي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا دادو روڊ تي سيڪرڊ ڇوڪري ڪان ڪار بي قابو ٿي المدينه پيٽرول پمپ تي ويٺلن پمپ مالڪ سيٺ مختيار سانوڻ ڪلهوڙو سيٺ غلام حسين چانڊيو ۽ وسيم مٿان چڙهي وئي زخمين کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران غلام حسين چانڊيو جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر پريس ڪلب چونڊ ۾ جرنلسٽس پينل جا سمورا نامزد اميدوار بلامقابلو ڪامياب

چونڊن ۾ صدر خالد ٻانڀڻ ۽ جنرل سيڪريٽري سيد احقر رضوي بلامقابلو چونڊيا ويا

يونين آف جرنلسٽس جو صدر جاويد جتوئي ۽ جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ به بلامقابلي منتخب

سکر(بيورو رپورٽ) اهڙيءَ طرح سنڌ ورمين جرنلسٽس ايسوسيئيشن ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن ۽ ڪيمرامين ۽ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي سالياني چونڊن ۾ به جرنلسٽس پينل ڪلين سوئيپ ڪندي سڀني عهدن تي بلامقابلو ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اليڪشن نتيجن مطابق سکر پريس ڪلب جو صدر خالد ٻانڀڻ ۽ جنرل سيڪريٽري سيد احقر رضوي بلامقابلو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دادو: ضلعي چيئرمين جو بلاول آرڪيڊ شاپنگ سينٽر جي تعمير جو معائنو

ضلع چيئرمين سيد محمد شاهه ۽ ساٿي آفيسرن تعميراتي سائيٽ جو معائنو ڪيو

تعميراتي ڪم ۾ ناقص ميٽيريل ۽ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: سيد محمد شاهه

دادو(ڊ ر) دادو ۾ ايس ايس موڙ وٽ جيم خانا ڪلب جي سامهون 13 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ بلاول آرڪيڊ شاپنگ سينٽر جي ڪم جو معائنو ڪرڻ لاءِ ضلع چيئرمين سيد محمد شاهه وائيس چيئرمين شيرمحمد چانڊيو چيف آفيسر عمير امير جمالي شهزاد پنڌ، توفيق احمد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پنگريو پرسان مشهور درويش اولياءِ خانشاهه جي عرس جون تقريبون شروع

ارباب اميرامان الله ۽ گادي نشين پير نصير محمد شاهه ۽ ٻين مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري

درگاهن تي ميلا ملاڪڙا سنڌ جي ثقافت جي هٿي ڏين ٿا: ارباب امير امان الله

پنگريو(ن ع) پنگريو پرسان مشهور درويش اولياءِ خانشاهه جي 175هين عرس مبارڪ جون تقريبون شروع ٿي ويون جنهن ۾ درگاهه اولياءِ خانشاهه جي عرس جي موقع تي تڪ جي ايم پي اي ارباب اميرامان الله ۽ درگاهه جي گادي نشين پيرنصيرمحمد شاهه ۽ ٻين مزار تي چادرون چاڙهي دعائون گهريون جتي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل عهديدارن جو گروپ فوٽو

2025 ۾ زرعي دوائن ۽ ڪيميائي ڀاڻن جا 1270 سيمپل ورتا ويا: زرعي توسيع کاتو

زرعي دوائن جا 45 سيمپل غير معياري ۽ ڪيميائي ڀاڻ جا 54 سيمپل غير معياري ثابت ٿيا

سنڌ فرٽيلائيزر ڪنٽرول ايڪٽ تحت عدالت ۾ چالان ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وئي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) زرعي توسيع کاتي جي ميڊيا فوڪل پرسن چيو آهي ته صوبائي مانيٽرنگ سيل جي رپورٽ موجب زراعت کاتي جي زرعي توسيع ڊائريڪٽوريٽ پلانٽ پروٽيڪشن پاران سال 2025 ۾ پوري سنڌ مان زرعي دوائن ۽ ڪيميائي ڀاڻ جي معائني لاءِ 1270

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب حيدرآباد هڪ مؤثر ۽ سرگرم صحافتي ادارو آهي: شهزاد شيخ

2026 واري چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ عهديدارن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو

اميد چونڊيل عهديدار پنهنجي ذميوارين کي بهترين نموني نڀائيندا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد شهزاد شيخ پريس ڪلب حيدرآباد جي 2026 واري چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ عهديدارن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي.پنهنجي پيغام ۾ هن چيو آهي ته پريس ڪلب حيدرآباد هڪ مؤثر ۽ سرگرم صحافتي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بدين: ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جو اجلاس

مرڪزي صدر سهيل احمد جوڻيجو جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ شاگردن ۽ ڪارڪنن کي سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊز ورهايا ويا

بدين (ڊ ر) ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جو ساليانو جنرل ڪائونسل اجلاس ڪاميابي سان منعقد ٿيو اجلاس ۾ مرڪزي صدر سهيل احمد جوڻيجو جي صدارت هيٺ، اوطاق پاڪ لواري شريف ۾ ٿيو اجلاس ۾ مرڪزي نائب صدر امجد حسين مسڻ مرڪزي جنرل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: يونيورسٽي آف آرٽ اينڊ ڪلچر ٿئين ڊگري شو ٿيسس نمائش جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ شارٽ سرڪٽ سبب وڪيل جي گهر کي باهه، الهه، نقد، سڙي رک

لاهوري محلا ۾ وڪيل اسد الله ٻگهيو جي گهر کي بجلي جي تارن مان باهه لڳي وئي

گهر ۾ پيل ساڍا 7 لک روپيه روڪ رقم، ايئرڪنڊيشن، سميت لکين روپين جو سامان سڙي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري محلا ميمڻ گهٽي واري علائقي ۾ بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب ايڊووڪيٽ اسد الله ٻگهيو جي گهر کي باهه لڳي وئي ۽ گهر پاتين گهر مان نڪري جان بچائي وڌي جڏهن ته اطلاع باوجود ريسڪيو 1122 ۽ فائربرگيڊ عملي واقعي هنڌ نه پهتو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: يونيورسٽي آف آرٽ اينڊ ڪلچر ۾ ٿئين ڊگري شو ٿيسس نمائش شروع

نمائش ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي تخليقي ۽ علمي ڪم جا شاندار ڪيل پراجيڪٽس رکيا ويا

هي نمائش شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ علمي ۽ تخليقي سنگ ميل ثابت ٿيندي: اڳواڻ

ڄامشورو (ڊ ر) يونيورسٽي آف آرٽ اينڊ ڪلچر ڄامشورو ۾ ٽئين ڊگري شو ٿيسس نمائش 2025 شروع ٿي وئي آهي. نمائش ۾ آرڪيٽيڪچر، فائن آرٽ، ميڊيا اينڊ ٽيڪسٽائل آرٽ ۽ ٻيا شعبن جي آخري سال جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي تخليقي ۽ علمي ڪم جا هٿ سان تيار ڪيل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر قربان جهتيال جي ياد ۾ ادبي ڪانفرنس

ڪريم بخش نظاماڻي سنڌ جي ثقافت ۽ قربان جهتيال ريڊيو جو عاشق هو: تاج جويو

ٻنهي شخصيتن جي ڪيل خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي: نصير مرزا/ ديدار شار

ڪوٽڙي ڪوٽڙي (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي جي ڪلچر سينٽر ۾ باباءِ ثقافت رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ باباءِ ريڊيو ڊاڪٽر قربان جهتيال جي ياد ۾ تاريخي ادبي ڪانفرنس ٿي ناليوارو اديب، محقق تاج جويو، ناليوارو اديب، ريڊيو اناؤنسر نصير مرزا، اديب،ڪالم نگار ديدار

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سنڌ صوبي ۾ اقليتي برادري کي مذهبي عقيدن موجب عبادت جي مڪمل آزادي آهي: سيد ناصر حسين شاهه

ساڌو ٻيلا جي ڊگهي عرصي کان بند بحالي ۽ تعميراتي ڪم کي ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ مذهبي جڳهن جي حفاظت لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي رهندي

ثقافت کاتي کي هن منصوبي جي تعميراتي ڪم کي ٻيهر شروع ڪرڻ جي ذميواري سونپي وئي آهي: دوري دوران ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ صوبي ۾ اقليتي برادري کي پنهنجي مذهبي عقيدن موجب عبادت جي مڪمل آزادي آهي ۽ انهن جي مقدس هنڌن جو تحفظ بحالي ۽ احترام سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

عظيم حسين صديقي فائيل فوٽو

سنڌ انفارميشن ڪميشن ميمبرن پاران سيوهڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽي آفيس جو دورو ڪيو

ميمبرن محمد سليم خان ۽ نور محمد ڏاهو بجيٽ، ترقياتي منصوبن جي رڪارڊ ۽ ٻين معاملن جو معائنو ڪيو

اداري جي ويب سائيٽ فعال نه هجڻ تي سخت ڪاوڙ ظاهر، فوري فعال ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڄاڻ تائين رسائي ۽ شفافيت جي قانون 2016 جي تحت معلومات فراهم نه ڪرڻ تي سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ميمبرن محمد سليم خان ۽ نور محمد ڏاهو سيڪشن 13 جي سب سيڪشن 4 تحت سيوهڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽي (SDA) جي صدر آفيس جو دورو ڪيو ڪميشن جي ميمبرن اٿارٽي جي بجيٽ، ان جي استعمال، اسٽاف جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ انفارميشن ڪميشن جا ميمبر محمد سليم خان،نور محمد ڏاهو سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي هيڊ ڪوارٽر ۾ رڪارڊ جو معائنو ڪري رهيا آهن

نصرپور لڳ 26 سالن جي نوجوان وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو

نصرپور (ن ع) نصرپور جي پير جڙيل شاهه جي رهواسي نوجوان 26 سالہ معشوق پٽ الهڏنو اوڏ مبينا طور وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو اهڙو اطلاع ملڻ تي نصرپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي اسپتال پهچايو جنهن بعد پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو فوتي جي پي عبرت کي ٻڌايو ته پورهيو نه ڪرڻ تان فوتي کي ڏڪا ڏنا جنهنڪري هن اهڙو قدم کنيو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ سونارا بازار جي دڪان مان 20 تولا سون چوري، واپارين جي هڙتال

نامعلوم چور حاجي يوسف ميمڻ جي دڪان مان 20 تولا سون ۽ 3 لک روپيا کڻي ويا

وڏي تعداد ۾ واپاري بازار پهچي هڙتال ڪرائي، پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

ٺٽو (ڊ ر) گذريل رات دير سان ٺٽي شهر جي سونارا بازار ۾ سوناري حاجي يوسف ميمڻ جي سون جي دڪان کي ڪاٽ هڻي 20 تولا سون چوري ڪري ويا واقعي جو اطلاع ملڻ تي واپاري وڏي انگ ۾ سونارا بازار پهچي ويا سونارا بازار ۾ احتجاج طور هڙتال ڪرائي وئي جنهن سبب سونارا بازار مڪمل بند ٿي وئي واپاري اڳواڻن ڄاڻ ڏيندي چيو ته نامعلوم چورن گذريل رات

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪڍڻ جي مين بازار ۾ ڪرياني اسٽور کي باهه، 15 لک جو سامان سڙي رک

بدين (ڊ ر) ڪڍڻ شهر جي مين بازار علي بندر روڊ جي ڊاڪٽي اسٽاپ تي اڳاڙي جي رات دير سان نريش ڪمار واڻين جي ڪرياني اسٽور کي بجلي جي وائيرنگ مان باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ دڪان ۾ پيل تقريبن 15 لک روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو فائير برگيڊ عملي کي بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود فائير برگيڊ نه پهتي پاڙي وارن ۽ واپارين دڪان جا تالا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي شادي تقريب ۾ شرڪت

سيد احسان علي شاهه جي ڀائٽي جي شادي واري تقريب ۾ غلام حسين خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيدغلام مصطفيٰ شاهه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي براڊڪاسٽر سينئرصحافي سخي غلام حسين خاصخيلي سڪرنڊ شهر ۾ سڪرنڊ شهري اتحاد ۽ پ پ جي اڳواڻ سيداحسان علي شاهه جي ڀائٽي جي شادي واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ پ پ اڳواڻ علي نواز چانڊيو نوراحمد لاڪو پيربخش ڪيريو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ هٿيارن جي فائرنگ ۾ ناري قتل، عورت سميت 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ سيهڙ وليج ۾ ملڪيت معاملي تان هٿيارٻندن گهر تي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ سبب ثناءَ پنڌ موقعي تي قتل، شريفان، فدا، بشير، محمد بخش، گلزار ۽ گل نظير زخمي ٿي پيا

جوابدار فائرنگ ڪندا آسانيءَ سان فرار، لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

راڌڻ /ڏوڪري (نمائندن وٽان) راڌڻ لڳ چار ڪلوميٽر پري سيهڙ ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ سيهڙ وليج ۾ ملڪيت جي معاملي تان هٿيارٻندن جي گهر تي ڪاهه ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا نتيجي ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

راڌڻ/ڏوڪري: هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي، ٻئي طرف زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

ڪوٽڙي ۾ گهرو پريشانين سبب نوجوان ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي مسڪين ڪالوني واسي 20 سالا نوجوان وقار سليم بيروزگاري سبب گهريلو پريشانين کان تنگ اچي گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو وارث سنڌس لاش بلاول ميڊيڪل اسپتال آندو ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق کان پوءِ واپس کڻائي ويا جڏهن ته گهر ۾ ڪهرام مچل آهي.

سکر واسي جي گهران چور لکين روپين جو سون، نقد ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻي سکر جو رهواسي اياز شيخ پنهنجي خاندان سان گڏ ڪراچي ويو هو جڏهن هو صبح جو گهر واپس آيو ته گهر جا تالا ۽ دروازا ٽٽل هئا، جڏهن ته اندر قيمتي سامان غائب هو متاثر شهري

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: سبزي منڊي ۾ سهولتن جي کوٽ، دڪاندارن لاءِ گڏيل ڪميٽي قائم

پيئڻ جو صاف پاڻي، بجلي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب دڪاندار ۽ خريدار متاثر ٿين ٿا

مارڪيٽ ڪميٽي ۽ سبزي منڊي ڪميٽي گڏجي مسئلن جي حل لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي آهي:واپاري

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي سبزي منڊي ۾ سهولتن جي کوٽ ، دڪاندار سخت پريشان . مسئلن جي حل لاءِ مارڪيٽ ڪميٽي ۽ سبزي منڊي ڪميٽي پاران گڏيل ڪميٽي قائم ڪري ورتي خبر موجب ٽنڊوالهيار جي بائي پاس روڊ تي قائم سبزي منڊي مسئلن جي ور چڙهي وئي .

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل پيراڻو چولياڻي جي وارثن جو لاش رکي ڌرڻو

مظاهرين سيشن ڪورٽ سامهون لاش روڊ تي رکي ڌرڻو هڻي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي

پوليس اسان جي مخالف ڌر کان پئسا وٺي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي پيراڻو کي ناحق قتل ڪيو آهي:مظاهرين

پوليس اهلڪار اعجاز کوسو، وسيم امتياز، حيدر ڏاهاڻي خلاف ڪيس داخل ڪري اسان انصاف ڪيو وڃي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) جمال ٿاڻي جي حد ڳوٺ نورخان چوليائي ۾ گذريل رات پوليس جي مبينا مقابلي ۾ قتل ٿي ويل پيراڻو چوليائي جي وارثن سيشن ڪورٽ سامهون لاش روڊ تي رکي ڌرڻو هنيو ان سلسلي ۾

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل پيراڻو چوليائي جا لاش رکي ڌرڻو هڻي رهيا آهن

ملڪ ۾ پهرين جنوري تي سمورين بينڪون بند رهنديون: اسٽيٽ بينڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان اعلان ڪيو آهي ته پهرين جنوري 2026ع، خميس جي ڏينهن

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

باڊهه: شهيد صحافي شان ڏهر جي حياتي جي تصوير

باڊهه ۾ رهزنن هٿان قتل ڪيل صحافي شهيد شان ڏهر جي ٻارهين ورسي

تقريب ۾ مختلف شهرن جا صحافي، اديب، شاعر ۽ سماجي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا

شهيد جي مزار تي حاضري ڀرڻ بعد بيگناهه خون سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ سال 2014ع ۾ واري ٽئين سال جي رات صحافتي ذميواريون ادا ڪندي رات جي رهزنن هٿان بي رحمي سان قتل ڪيل ناليواري شاعر ۽ بيباڪ صحافي شهيد شان ڏهر جي ٻارهين ورسي اڄ 31 ڊسمبر 2025ع اربع تي ملهائي پئي وڃي تقريب ۾ باڊهه سميت لاڙڪاڻي ۽ آسپاس

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

17 سالن ۾ عوام کي ڪجهه به نه ملي، ادارا، تعليم ۽ امن امان تباهه ٿي چڪا آهن: لياقت جتوئي

هي نظرياتي جنگ آهي، روز منهنجي اليڪشن آهي، غريب هارين ۽ مزدورن جي حڪومت آڻينداسين

واٽر سپلاءِ جا ڪروڙين روپيا، ٽائون ميونسپل جا ڪروڙين روپيا، سوئي گيس وارن جا مليل پيسا ڪاڏي ويا

شريف ماڻهن کي به ڪمزور نه هوندو آهي چور ڪمزور هوندو آهي منهنجي دوستن تي اي ٽي سي جا 30_30 ڪيس داخل ڪيا ويا

راڌڻ (ن ع) جي ڊي اي جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وڏي وزيرلياقت علي خان جتوئي چيو آهي ته موجوده پيپلز پارٽي حڪومت جي 17 سالن جي دور ۾ عوام کي ڪجهه به نه مليو هر ادارو تباهي جو شڪار آهي روڊ رستا خراب، بدامني عروج تي ۽ چونڊيل

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ گهوٽڪي پاران کليل ڪچهري

ڪچهري ۾ حاضر سروس ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پاران شڪايتون پيش ڪيون ويون

ريجنل ڊائريڪٽر لاڳاپيل عملدارن کي مسئلن جي ترت حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون

گهوٽڪي(ن ع)محتسب اعليٰ سنڌ محمد سهيل راجپوت جي خصوصي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ ضلعي اڪائونٽس آفيس ميرپور ماٿيلو ۾ کليل

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ملي ۾ ڳوٺاڻي جو ٽريزري آفيس عملي جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ملي (ڊ-ر) چاچڙو جي ڳوٺ مجنوجي ڏاڻي جي رهواسي شاهنواز ولد مٺارو خان چانڊيو ملي پريس ڪلب پهچي ٽريزري آفيس ملي جي عملي جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي هن الزام هنيو ته منهنجي والد

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ قبرستان جي مالڪي نه ڏيڻ خلاف رهواسين جو مظاهرو

ميونسپل پولهاڙي جي رهواسين ڳاڙهو ڳوٺ قبرستان جي مالڪي نه ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو

قبرستان ۾ ڪچري جا ڍير لڳل آهن گدرن جو پاڻي ۾ پڻ جمع ٿي رهيو آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) قبرستان جي مالڪي ڪري رهواسين جو قبرستان اندر مظاهرو، ڪوٽڙي سائيٽ ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ڳاڙهو ڳوٺ قبرستان جي مالڪي نه ٿيڻ خلاف رهواسين ظفر ڪابرو علي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

قاسم آباد ۾ گولي لڳڻ سبب مارجي ويل ڪوٽڙي واسي نوجوان جو موت ڳجهارت بڻيل، ڪيس داخل نه ٿيو

مبينا قتل ٿيل نوجوان حماد پلهه دوستن سان گڏ قاسم آباد ۾ هڪ جڳهه ۾ دوستن وٽ ويندو رهندو هو

ٻه ڏينهن اڳ نوجوان لاش مليو هو پوليس اڃان تائين واقعي جو سبب معلوم ڪري نه سگهي، معاملو ڳجهارت بڻيل

مقتول نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام مچل، وارثن پاران قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) قاسم آباد ۾ ٻه ڏينهن اڳ پراسرار نموني گولي لڳڻ ڪري مارجي ويل ڪوٽڙي واسي 20 سالا نوجوان حماد پلهه جو موت ڳجهارت بڻيل آهي ۽ وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر ڪرڻ جي باوجود پوليس ڪيس داخل نه ڪيو آهي جڏهن ته مبينا قتل ٿيل نوجوان جي گهر ۾ لاڳيتو ڪهرام مچل آهي اطلاعن

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ڪريم بخش نظاماڻي ۽ قربان جهتيال جي ياد ۾ ٿيل ادبي ڪانفرنس جو ڏيک

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.